ٿوڙهي ڦاٽڪ
جو سانحو

رک سنڌي

ٽوڙهي ڦاٽڪ جو سانحو

مصنف: رڪ سنڌي

ڊسمبر 1989ع

كتاب جو نالو: ٽوڙهي ڦاٽڪ جو سانحو

ليکڪ: رڪ سنڌي

ڇاپو: ٽيون ڊسمبر 1989ع

ڇپائيندڙ: ساڻيهه اشاعت گهر، حيدرآباد، سنڌ

Book: Torhi Phatak jo Saniho

Writer: Ruk Sindhi

Thrid Edition, December, 1989

Published by: Saneeh Ishat Ghar, Hyderabad, Sindh

فهرست

- مهاڳ
- شاگرد جدوجهد جو پس منظر
- ٺوڙهي ڦاٽڪ جو سانحو
- ٺوڙهي ٽربيونل ۽ فوجي جنتا
- خوني ناٽڪ جي مذمت ۽ مطالبا
- سنڌي پريس جو ڪردار
- سنڌ ۾ احتجاج ۽ مظاهرا
- شهيد شاگردن جي سوانح
- ٺوڙهي ٽربيونل جا سپوت
- ماءُ جو قيدي پٽن ڏانهن خط
- شهيد ۽ گرفتار ٿيل شاگرد
- شيخ اياز طرفان پيتا

مهاڳ

پاڪستان ۾ جنرل ضياءَ الحق جي مارشل لا وارو حڪومتي دور ڪي سنڌ جا ماڻهو ڪاري دور طور ياد ڪندا آهن. جڏهن 5 جولاءِ 1977ع تي فوج جي سربراهه جنرل ضياءُ الحق، ذوالفقار علي ڀٽو جي چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اقتدار تي غير آئيني طريقي سان جبرن قبضو ڪيو ته نه صرف سنڌ پر سڄي ملڪ ۾ ان عمل خلاف عوام منجهه ڪاوڙ ۽ بي چيني پيدا ٿيڻ فطري عمل هيو. خاص ڪري سنڌ ۾ ان فوجي بغاوت ۽ غير جمهوري عمل خلاف ملڪ جي باقي صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ردعمل سامهون آيو. ڇاڪاڻ ته پي پي جي چونڊيل حڪومت خلاف آمريڪي سامراج ۽ سندن پاڪستاني پاڙيتو مذهبي ۽ سياسي پارٽين ڪي سنڌ جو عوام ملڪ جي وجود ۾ اچڻ واري ڏينهن کان ئي نفرت جي نگاهه سان ڏسندو هو. اهو ئي سبب هيو جو مذهبي بنياد پرست ڌرين کي سنڌ جي عوام ڪڏهن به قبول نه ڪيو. پيپلز پارٽي جي چونڊيل حڪومت خلاف جڏهن پاڪستان نيشنل الائنس (پي اين اي) جي پليٽ فارم تان تحريڪ هلائي وئي ته سنڌ جي عوام نه فقط ان کان دوري اختيار ڪئي پر ان کي جمهوري قوتن ۽ سيڪيولر سوچ رکندڙ ڌرين خلاف سازش قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو.

ملڪ مٿان غير آئيني ۽ غير قانوني طور مارشل لا مڙهيندڙ قوتن لاءِ سڄي ملڪ جي ڀيٽ ۾ سنڌ ئي اڪيلو صوبو هو جيڪو سندن

حاڪميت کي قبول ڪرڻ بدران جمهوري قوتن جو ساٿاري ٿي بيٺو. جيڪا ڳالهه فوجي حڪمرانن لاءِ سنڌ جي ماڻهن سان نفرت جو بنياد هئي. جنرل ضياءُ الحق جي فوجي حڪومت باقي ملڪ جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجو پهريون دشمن قرار ڏيندي ان خلاف هر سطح تي تڪليفون ۽ مصيبتون پيدا ڪرڻ شروع ڪيون. سنڌي ماڻهن سان فوجي حڪمرانن جي اها نفرت ۽ دشمني فقط پي پي سان وابستگيءَ جي بنياد تي موجود نه هئي، پر ان جو پس منظر تمام ڊگهي تاريخ رکندڙ هو. ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ جنرل ايوب خان جي مارشل لا ۽ ون يونٽ سميت جنرل يحيٰ خان جي فوجي قدمن خلاف سنڌ جون سياسي قوتون هميشه مهاڏو اٽڪائيندڙيون رهيون. سنڌ جي عوام ئي فوجي حڪومتن ۽ سندن اتحادي ڌرين جي عوام دشمن فيصلن کي نه فقط قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، پر مختلف وقتن تي سندن غير جمهوري عملن خلاف سگهارو آواز بلند ڪيو. خاص ڪري جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا دوران فوجي حڪمرانن جي رويي ۽ سنڌ دشمن فيصلن سبب هتان جو عوام پاڻ کي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جو شڪار سمجهڻ لڳو. منهنجن اهو احساس پختو ٿيڻ لڳو ته نه فقط کين نظرانداز ڪيو پيو وڃي پر انتقام جو نشانو به بڻايو پيو وڃي. فوجي حڪمرانن جي ان عمل خلاف سنڌ جي ماڻهن 14 آگسٽ 1983ع تي ملڪ جي مختلف پارٽين طرفان جمهوريت جي بحالي لاءِ جوڙيل اتحاد ايم آر ڊي طرفان هلايل تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. باقي ملڪ جي ڀيٽ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي سنڌ ۾ زور وٺڻ جو به اهو ئي سبب هيو. فوجي حڪمرانن طرفان به ايم آر ڊي تحريڪ کي باقي ملڪ جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ طاقت جي زور تي

چيپاٽيو ويو. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ اها تحريڪ نه فقط جمهوريت جي بحالي پر اصل ۾ قومي حقن جي بحالي لاءِ هڪ سگهارو آواز ٿي اڀري رهي هئي. ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌي ماڻهن جي ڀرپور شرڪت فوجي حڪمرانن کي ڇرڪائي وڌو. هو سنڌ ۾ آمريت سميت قومي ظلم ۽ جبر خلاف پئدا ٿيندڙ سوچ ۽ تحريڪ کي ڪنهن به قيمت تي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. اهو ئي سبب هيو جو ايم آر ڊي جي تحريڪ جي پڄاڻي کان پوءِ به سنڌ ۾ فوجي جبر کي وڌيڪ بي رحميءَ سان جاري رکيو ويو. هتان جي ماڻهن کي ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سگهاري شموليت جي سزا ڏيڻ لاءِ مختلف وقتن تي مختلف شڪلين ۾ ڪارروايون جاري رکيون ويون.

جنرل ضياءَ جي مارشل لا دوران سنڌ ۾ سنڌي شاگردن طرفان فوجي حڪومت جي قدمن خلاف بلند ٿيندڙ آواز کي خاموش ڪرائڻ لاءِ مختلف سازشون ۽ مڪاريون شروع ڪيون ويون. خاص ڪري سنڌ جي تعليمي ادارن مان قومپرست ۽ ترقي پسند سوچ کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ هٿ ٺوڪيون تنظيمون جوڙيون ويون، يا اڳ جوڙيل رجعت پسند تنظيمن کي مدد فراهم ڪري ميدان تي لاٿو ويو. خاص ڪري سنڌ ۾ پنجابي آبادڪارن طرفان فوجي حڪومت جي آشيرواد سان غير سنڌي شاگردن جي تنظيم نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (اين ايس ايس او) جوڙي ان کي هٿيار پنهوار، افرادي قوت ۽ ڏوڪڙ پئسا ڏئي سنڌي شاگردن خلاف تعليمي ادارن ۾ داخل ڪيو ويو. ان سان گڏ جماعت اسلامي جي شاگرد ونگ جميعت طلباءِ اسلام کي به متحرڪ ڪيو ويو. انهن ٻنهي تنظيمن سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ جمهوريت پسند ۽ قومپرست شاگردن خلاف ڪارروايون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. ايتري قدر جو ڪاليجن ۽

يونيورسٽين ۾ سنڌي شاگردياڻين تي مجرماڻا حملا بہ ڪيا ويا. جيئن اهي تعليم جو تسلسل برقرار رکي نہ سگهن. پر سنڌ جي جمهوريت پسند، قومپرست ۽ ترقي پسند شاگرد تنظيمن پنهنجي همت، حوصلي ۽ بهادري سان حڪمرانن جي پاڙيتو تنظيمن کي سنڌ جي تعليمي ادارن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش کي سختي سان ناڪام بنائي ڇڏيو. جيڪا ڳالهہ فوجي حڪمرانن لاءِ برداشت جوڳي نہ هئي. ان ڪري سنڌ جي تعليمي ادارن مان قومپرست شاگرد تنظيمن جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري هيو تہ ننگي جارحيت ۽ طاقت جو استعمال ڪيو وڃي. جنهن جو خوفناڪ اظهار 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٺوڙهي ڦاٽڪ جي ميدان تي ڪيو ويو. ٺوڙهي ڦاٽڪ تي هڪ منظم رٿابنديءَ سان سنڌي شاگردن خلاف فوجي ڪارروائي ڪري 5 شاگردن کي شهيد ڪيو ويو ۽ ڪيترن ئي شاگردن کي زخمي ڪرڻ سميت ڪيئي سال جيلن ۾ بند رکيو ويو. ٺوڙهي ڦاٽڪ تي سنڌي شاگردن خلاف ٿيل ڪارروائي تي سنڌ ۾ سخت ردعمل پئدا ٿيو ۽ سنڌي قوم بنا ڪنهن پارٽي فرق جي ان ظلم ۽ ڏاڍ خلاف هڪ آواز ٿي ٻاهر نڪري آئي. سنڌ ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ کان پوءِ هي ٻيو پيرو هو، جو سنڌي ماڻهن جنرل ضياءُ جي فوجي ٽولي خلاف اثرائتو آواز بلند ڪيو. سنڌ ۾ ون يونٽ جي دور ۾ 4 مارچ واري واقعي کان پوءِ هي ٻيو پيرو هو جو سنڌي شاگرد آمر حڪمرانن خلاف هڪ ٿي جدوجهد جي ميدان ۾ لهي پيا. سنڌ جي هر شهر ۽ وسندي ۾ تاريخي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو.

ٺوڙهي ڦاٽڪ تي ٿيل بربريت خلاف سنڌ ۾ جيڪو ردعمل پئدا ٿيو، ان کي سنڌي اخبارن بنا ڪنهن خوف ۽ ڊپ جي انتهائي ذميواريءَ

سان رپورٽ ڪيو. فوجي حڪمرانن طرفان ميڊيا تي پابندين باوجود سنڌي اخبارن هن ظلم ۽ انياءَ خلاف رپورٽنگ ڪئي، ايڊيٽوريل ۽ ڪالم لکيا. هن ڪتاب ۾ ٽوڙهي ڦاٽڪ جي سانحي بابت انتهائي ذميواريءَ سان بنا ڪنهن وڌاءَ جي حقيقي صورتحال پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيئن ايندڙ مستقبل ۾ تاريخ لکندڙن جي آڏو حقيقتون چٽي صورت ۾ موجود هجن. هن ڪتاب لکڻ وقت سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل خبرن، رپورٽن ۽ ٻئي مواد کي بنياد بڻايو ويو آهي. ساڳيءَ اشاعت گهر طرفان جيتوڻيڪ ڪتاب جو هي ٽيون ايڊيشن آهي، پر پهرين ايڊيشن جي اشاعت کان پوءِ مختلف ماڻهن ۽ اشاعتي ادارن طرفان پنهنجي طور تي ڪيترائي ڀيرا ڪتاب وري شايع ڪيو ويو. هن ايڊيشن ۾ پهرين ايڊيشن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه وڌيڪ درستگيون ۽ گهربل تبديليون ڪيون ويون آهن. مون کي اميد آهي ته هي ڪتاب مستقبل جي مورخن لاءِ سنڌ جي مستند تاريخ لکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

رڪ سنڌي

28 ڊسمبر 1989ع

شاگرد جدوجهد جو پس منظر

جڏهن بہ سنڌي قوم تي ڏکيا ڏينهن آيا آهن، جڏهن بہ سنڌ وطن جي بقا خطري ۾ پئي آهي، جڏهن بہ سنڌي ٻوليءَ کي ميسارڻ ۽ متائڻ جا سانپاها ڪيا ويا آهن، جڏهن بہ پورهيتن ۽ هارين متان ڏاڍن هتان ظلم ۽ ستم ڪيا ويا آهن تہ ان وقت سنڌ وطن جي بهادر شاگردن بغاوت جا جهنڊا بلند ڪري هر ظلم ۽ ڏاڍ سان هٿ اٽڪائي ڏاڍن کي نيچو نوائي پنهنجي حب الوطني، همت، حوصلي ۽ قومي شعور جو ثبوت ڏنو آهي.

سنڌ ۾ جڏهن بہ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز بلند ٿيو آهي ۽ ان سان جنگ جوٽي وئي آهي، تڏهن انهيءَ سرواڻن جي قافلي ۾ سنڌ جي شاگردن هميشہ اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. مسڪين مارن جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي دور ڪرڻ لاءِ جيتري هتان جي شاگردن رت ولوڙ ڪئي آهي، اوتري شايد اڃا ڪنهن ٻئي طبقي نہ ڪئي هجي. شاگرد اسان جي مظلوم قوم جو اهو هر اول دستو آهن، جن ڪڏهن بہ ظلم ۽ ڏاڍ کان گهٻرائجي وقت جي فرعون آڏو گوڏا نہ کوڙيا آهن. هو ڪٽا آهن پر ڪٽڪيا ڪينهن. هو مٽا آهن، پر موٽيا ڪينهن. هو ڪجھ عرصي کان پنهنجن جي بي مروتي، اٺ دماغ سياستدانن جي چالبازين ۽ چالاڪين کان تنگ اچي مات ڪري نہ وينا آهن. هنن هر ڪاري رات سان جنگ

ڪئي آهي تہ جيئن باک ڦٽي، روشن صبح ٿئي. هنن پنهنجي راهہ ۾ هر اينڌڙ ان پٿر کي ٺڪرايو آهي، جيڪو سنڌن قومي ڪردار ۾ رنڊڪ بڻيو آهي. هو ڪالهہ بہ اوچي ڳاٽ ان قافلي جا سرواڻ هئا ۽ اڄ بہ آهن، جنهن جي منزل سنڌين جي هر قسم جي سياسي توڙي اقتصادي غلامي ۽ محڪومي جو خاتمو ڪرڻ آهي.

سنڌ ۾ سنڌي شاگردن جون جيڪي بہ تنظيمون آهن، سي ڪيترن بہ اختلافن هوندي، سنڌي عوام جي قومي مسئلن ۽ مشڪلاتن تي هڪ آواز رهيون آهن. جڏهن بہ سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ ڪو پنيٽ پڙڪيو آهي تہ هر تنظيم پنهنجي وت ۽ وس آهر ان کي پڙڪائڻ لاءِ ٻارڻ پئي ڏنو آهي. اهو ڪڏهن نذير عباسي جي شهادت جي صورت ۾ تہ ڪڏهن شهيد احسان ميمڻ جي قرباني جي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

جڏهن کان سنڌ وطن انگريزن جي غلامي مان نڪري انهن جي روحاني اولاد جي تسلط هيٺ آيو آهي، تڏهن کان ان تسلط ۽ ناجائز قبضي کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌي شاگرد جدوجهد جي ميدان ۾ اڳيان اڳيان رهيا آهن. اهو ون يونٽ ٽوڙائڻ ۽ صوبائي حيثيت بحال ڪرائڻ جو مسئلو هجي، ايوبي آمريت سان 4 مارچ تي رت جي راند هجي، اڳوڻي اوڀر پاڪستان (موجوده بنگلاديش) ۾ بنگالين جي قتل عام خلاف احتجاج هجي، 1973ع جي آئين خلاف ڪروڌ جو اظهار هجي يا سنڌي ٻولي جي بقاءَ ۽ بچاءَ جي جنگ هجي، يا 1983ع جي ايم آر ڊي جي جمهوريت جي بحالي لاءِ هلچل هجي، سنڌي شاگردن هميشہ هر ظلم ۽ ڏاڍ خلاف جنگ ڪئي آهي. هر ظلم سان مهاڏو اٽڪائي آمر جي ڪنڌ

۾ ڪلي هنئي آهي. هر ڏکئي وقت تي جڏهن ملڪ جا سياستدان ڪوئن جيان پنهنجي ٻرن ۾ وڃي لڪا آهن، مفاد پرست فرد وقت جي حاڪم جا ٻڌا ٻانها ٿي، سنڌي قوم خلاف هر قسم جي بي حيائي ۽ بي غيرتي جو مظاهرو ڪيو آهي، ان وقت سنڌي شاگردن اڳتي نڪري قوم کي صحيح دڳ لائڻ لاءِ هر سطح تي ميدان ملهايو آهي.

ان حق ۽ سچ جي واٽ تي هلڻ جي موٽ ۾ سنڌي شاگردن کي اهو سڀ ڪجهه سهڻو پيو آهي، جيڪو ڏاڍن هٿان هيڻن کي ڏاج ۾ ملندو آهي. سنڌي شاگرد وقت بوقت يونيورسٽين، ڪاليجن ۽ اسڪولن مان خارج ٿيندا رهيا آهن. مختلف وقتن تي جيلن جون سزائون ڀوڳيندا رهيا آهن. ڪوڙا کائيندا رهيا آهن ۽ سنڌو ماتا کي پنهنجي رتي رت جو نذرانو ڏئي، ان مٿان پنهنجو سر گهوريندا رهيا آهن.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن سنڌ ڌارين جي بيٺڪيتي غلامي جو شڪار بڻجي وئي ته سنڌ جون زمينون سنڌي هارين کان کسي ٻين صوبن جي ماڻهن کي ڏنيون ويون، سنڌ جون نوڪريون ڌارين جي حوالي ڪيون ويون. سنڌ جا ڪارخانا غير سنڌين کي الاٽ ڪيا ويا، جن مئنيجر کان مزدور تائين سڀ عملو غير سنڌي رکيو. سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌي پريس، ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن تي بندشون وڌيون ويون، سنڌ کي زبردستي ٻن ٻولين وارو صوبو قرار ڏئي سنڌ کي ڌارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ اردو ٻولي والارڻ لڳي. آخر ۾ سنڌي قوم کي مڪمل صفحه هستيءَ تان مٽائڻ لاءِ سنڌ اندر ڌارين جي آبادڪاري ڪرائڻ شروع ڪئي وئي، جيئن سنڌي قوم اقليت ۾ اچي

هميشہ لاءِ نيست ۽ نابود ٿي وڃي. اهو سڄو عمل هڪ واضح منصوبي بندي ۽ منظم رٿابندي سان شروع ڪيو ويو، جيڪو اڄ تائين جاري آهي.

جڏهن 1977ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت کي ختم ڪري جنرل ضياءُ الحق جي فوجي ٽولي اقتدار سنڀاليو تہ سنڌي قوم جي نسل ڪشي ۽ محڪومي ۾ اضافو ٿيڻ شروع ٿيو. فوجي جنتا پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ننگي جارحيت تي لهي آئي ۽ سنڌي قوم جو قتل عام شروع ڪري ڏنو. مختلف هيلن ۽ بهانن سان ڳوٺن تي راتاها هڻي سنڌي ماڻهو ڌاڙيل قرار ڏئي ماريا ويا. سنڌ جي ساڃاهہ وند طبقي شاگردن تي مختلف نمونن سان ويل وهايا ويا. مختلف وقتن تي تعليمي ادارن ۾ فوج گهڙي شاگردن جون تلاشيون ورتيون ۽ شاگردن مٿان تشدد ڪيو. بنا ڪنهن سبب جي تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي قتل ڪيو ويو. ڪين ڪنيي جيلن ۾ وجهي ڳريون سزائون ۽ ڦٽڪا هنيا ويا ۽ ڪن کي موت جون سزائون ٻڌايون ويون. سنڌ جا تعليمي ادارا بنا ڪنهن سبب جي سالن جا سال بند ڪيا ويا، جيئن سنڌي شاگرد تعليم جي ميدان ۾ پوئتي رهجي وڃن. اهو سڀ ڪجهہ صرف ان ڪري ڪيو ويو جو سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي آزادي واري تحريڪ ۾ سنڌ جو ساڃاهہ وند شاگرد اڳ کان اڳرو هو.

جنرل ضياءُ جي فوجي ٽولي جيئن ئي سنڌ ۾ ننگي بربريت ۽ جارحيت جو مظاهرو ڪرڻ شروع ڪيو تہ سنڌي شاگردن مٿان قومي ذميواريون اڳ کان ٻيڻيون ٿي ويون. هنن سنڌ جي خلاف ٿيندڙ هر حربي ۽ سازش کي ننديو ۽ رد ڪيو. فوجي حڪمرانن جي سازشن سان مهاڏو اٽڪائي، ان جي مٿي پليت ڪئي. 1977ع کان پوءِ فوجي حڪمرانن جي

رنگ ۾ جي ڪنهن پينگ وڌي ته اهي سنڌي شاگرد هئا. فوجي حڪمرانن جي سڪون جي ننڊ جيڪڏهن ڪنهن خراب ڪئي ته اهي سنڌي شاگرد هئا. حڪمرانن جي سنڌ دشمن منصوبن کي ڪنهن وائڪو ڪري خوار ۽ خراب ڪيو ته اهي سنڌي جا نوجوان هئا. اهي سنڌي شاگرد ئي هئا جيڪي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مسلسل جنگ جوٽي، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ آڏو ڇاتي تاڻي، قيد ۽ ڪوڙا، گوليون ۽ لٺيون کائيندا رهيا. سنڌي شاگردن جي ئي هلچل جي ڪري حڪمران ڪيترن ئي شيطاني منصوبن کي عملي جامو پهرائي نه سگهيا. سنڌ دشمن حڪمرانن جي غير قانوني عملن کي هميشه سنڌ جا نوجوان چئلينج ڪندا رهيا. ان ڪري ئي سنڌ جا نوجوان ئي پاڪستاني حڪمرانن جي ننگي جارحيت ۽ ڏاڍ جو شڪار بڻبا رهيا آهن.

سڄي پاڪستان اندر سنڌي شاگردن جون تنظيمون نظرياتي توڙي عملي جدوجهد جي سطح تي اڳڀريون رهيون آهن ۽ هتان جي نوجوانن جو پنهنجي قوم جي پورهيت عوام سان اتحاد مضبوط کان مضبوط رهيو آهي ۽ هو پنهنجي پورهيت عوام سان هر جدوجهد ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌندا رهيا آهن. سنڌ جي شاگرد تنظيمن سنڌ جي مڙني تعليمي ادارن ۾ رجعت پسند ۽ عوام دشمن شاگرد تنظيمن کي ٻڌي جي حساب شڪستون ڏنيون ۽ ڪين هتان جي تعليمي ادارن کي سنڌن ناپاڪ سازشن جو شڪار گاهه بڻجڻ نه ڏنو. جڏهن به سنڌي عوام پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريو، ان وقت سنڌي شاگردن جي تنظيمن ان آواز کي جلا بخشي ۽ پنهنجي تنظيمي طاقت ۽ قوت سان سنڌ دشمنن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو. جڏهن به رجعت پسندن سنڌ جي

ماحول کي پنھنجي دقيانوسي نظرين سان خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌي شاگردن وطن دوستي ۽ عوام دوستي جو مظاھرو ڪندي رجعت پسند نظرين ۽ ھٿڪنڊن کي سائنسي سوچ ۽ ترقي پسند حڪمت عملي سان زمين دوز ڪيو. جنھن جي ڪري نتيجو اھو نڪتو ته پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ ته مذھبي انتھاپسند پارٽي جماعت اسلامي ۽ ان جي شاگرد تنظيم اسلامي جميعت طلباءَ جھڙيون جماعتون اسري سگھيون، پر سنڌ اندر فقط ترقي پسند، قوم دوست، سيڪيولر ۽ سوشلسٽ طرز فڪر رکندڙ پارٽين ۽ تنظيمن کي اسرڻ ۽ اپرڻ جو موقعو مليو. انھن مڙني ڳالھين کي سامھون رکي سامراجي ايجنٽن ۽ انھن جي ھمنوا فوجي ٽولي سنڌي قوم جي ھن متحرڪ ۽ باعمل طبقي يعني شاگردن کي سبق سيکارڻ جي رٿابندي ڪئي. جنرل ضياءَ جي فوجي حڪومت اھو قانون لاڳو ڪيو ته، ”سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڪوبہ شاگرد، ڪنھن بہ شاگرد تنظيم جو ميمبر يا عھديدار ٿي نہ ٿو سگھي، نہ وري ڪو شاگرد ڪنھن سياسي پارٽي جي شاگرد ونگ سان لاڳاپو جوڙي سگھي ٿو. نہ وري ڪنھن شاگرد تنظيم جو پروگرام ڪرائي يا ان ۾ شرڪت ڪري سگھي ٿو. مارشل لا جي ان آرڊر جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ پنج سال سخت پورھئي سان سزا، ملڪيت جي ضبطي ۽ ڏنڊ جي سزا ملي سگھي ٿي.“

اھڙي طرح پاڪستان جي فوجي حڪمرانن نھايت بي رحمي سان سنڌ جي شاگردن جي آواز کي دٻائڻ ۽ ڪچلڻ لاءِ نھايت شرمناڪ سازش شروع ڪئي. پر اسان جي نوجوانن حڪومت جي ان بي رحماڻي ۽ سفاڪ حڪم کي رد ڪري پنھنجا جمھوري حق پنھنجي طاقت ۽ قوت سان استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. سنڌ جون شاگرد تنظيمون جيڪي اڳ ئي

حڪمرانن جي نظر ۾ غير قانوني هيون. انهن تي مارشل لا جي حڪمرانن جي ان قسم جي قدمن ۽ پابندين جو ڪوبہ اثر نہ پيو.

پاڪستان جي جابر فوجي حڪمرانن سنڌ ۾ شاگرد تنظيمن تي پابندي جو اهو قدم صرف ان ڪري کنيو تہ جيئن شاگرد برادري جي اتحاد کي ڪمزور ڪري کين ڇڙوڇڙ ڪري سياسي عمل کان ڌار ڪري ڇڏجي ۽ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ فوجي حڪمرانن جي حمايت يافتہ پنجابي شاگردن جي تنظيم نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (اين ايس ايس او) ۽ اسلامي جمعيت طلبا جهڙين رجعت پسند شاگرد تنظيمن کي پير کوڙڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏجي. جيئن سنڌي شاگردن کان هي اهم ۽ اثرانداز ٿيندڙ مورچا کسي سگهجن. ان ئي سازش تحت سنڌي شاگردن تي وقفي وقفي سان ڪاهون ٿيڻ لڳيون. غير سنڌي شاگردن کي هٿياربند ڪري سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ تعليمي ماحول خراب ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (اين ايس ايس او) نالي تنظيم سنڌ ۾ رهندڙ پنجاب جي رٽائرڊ فوجين، آبادگارن ۽ واپارين جي تعاون سان جوڙي وئي. ان تنظيم جي هٿان سنڌي شاگردن مٿان تعليمي ادارن ۾ مسلح حملا ڪرايا ويا. جماعت اسلامي جي شاگرد تنظيم اسلامي جميعت طلباءَ پڻ هٿان جي نوجوانن جي جذبي کي مات ڪرڻ لاءِ حملا ۽ هلائون شروع ڪيون پر پوءِ بہ سنڌ جي مظلوم ۽ بي يارومددگار شاگردن نهايت تدبر ۽ حوصلي سان انهن مڙني حملن ۽ هلائن کي منهن ڏئي، حڪومت جي ايجنٽ تنظيمن کي هر ميدان ۾ شرمناڪ شڪستون ڏنيون.

جڏهن آگسٽ 1983ع ۾ ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ فوجي آمرن جي ناجائز حاڪميت خلاف جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ

موومينٽ فار ريسٽوريشن آف ڊيموڪريسي (ايم آر ڊي) شروع ٿي ته ان جدوجهد ۾ سنڌي هارين ۽ مزدورن سان گڏ سنڌ جي شاگردن به ڀرپور حصو ورتو. نه صرف ان تحريڪ ۾ سنڌي نوجوانن ڀرپور حصو ورتو پر ان جدوجهد کي رياستي جبر ۽ ڏاڍ خلاف اثرائتو موڙ ڏنو. جنهن ڳالهه پاڪستان جي حڪمرانن جون متيون منجهائي ڇڏيون. سنڌ جي مظلوم پورهيتن کي هن تحريڪ ۾ شاگردن جي روپ ۾ رهنماءُ دستو ملي پيو. هي تحريڪ نوجوانن جي سرواڻي ۾ فوجي آمرن کي شڪستون ڏيندي، سنڌ جي وستي وستي، واهڻ واهڻ هڪ نئين جاڳرتا جي علامت بڻجي اڳتي وڌندي رهي. هن جدوجهد فوجي آمرن ۽ سندن آمريڪي آقائن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون ۽ سندن ناجائز حاڪميت ۽ مظلوم قومن جي خلاف ننگي ڏاڍ لاءِ موت جو پيغام بڻجي آئي. جنهن جي ڪري فوجي آمرن ان جدوجهد جي هر اول دستي يعني شاگردن کي ان جدوجهد ۾ اثرائتو حصو وٺڻ ۽ ان کي سگهه بخشڻ جي ڏوهه جي سزا ڏيڻ ضروري سمجهيو. جيئن سنڌ جو پورهيت عوام پنهنجي قوم جي باشعور نوجوان طبقي جي حمايت کان محروم ٿي مايوسين جو شڪار ٿي وڃي. جيئن ئي ايم آر ڊي جي پليٽ فارم تان هلندڙ جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ ۾ ماٺار آئي ته فوجي حڪمرانن سنڌ جي نوجوانن کان پنهنجي شڪست جو بدلو چڪائڻ لاءِ جيڪا شڪست کين سنڌ جي نوجوانن 1983ع جي جدوجهد ۾ ڏني هئي، سنڌ جي شاگرد تنظيمن تي ڀرپور وار ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ان ئي سلسلي ۾ 11 فيبروري 1984ع تي هڪ مارشل لا آرڊر جاري ڪري سڄي ملڪ جي تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين تي پابندي لاڳو ڪئي وئي. پر سنڌ جي شاگردن اهڙي حڪم نامي کي

ٽڏيندي پنهنجي حوصلي، همت ۽ تدبر سان حڪومت جي سازشن ۽ راتبندين تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. اڳ جيان پوءِ بہ سنڌ جا تعليمي ادارا سنڌي شاگردن جي تنظيمن جي اثر هيٺ رهي، سامراج دشمن ۽ قومي جمهوري جدوجهد جا روشن مينار رهيا.

آخرڪار جڏهن حڪمران ڌر جون مڙئي چالاڪيون، چالبازيون ۽ شرمناڪ سازشون ڪامياب نہ ٿيون تہ هنن پنهنجي آخري حربي کي استعمال ڪندي سنڌي شاگردن کي ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي. فوجي جنتا جو اهو آخري حربو تشدد هو. اهو ئي تشدد سنڌ جي عوامي قوتن کي ڪچلڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو. فوجي حڪومت پنهنجي مڙني ناڪامين ۽ شڪست جو بدلو چڪائڻ لاءِ سنڌي شاگردن مٿان حملن جو پروگرام رٿيو. ان رٿابندي تحت سنڌي شاگردن مٿان پهريون جارحانہ حملو ” ٺوڙهي ڦاٽڪ“ مانجهند، ضلعو دادو جي پٽريلي ميدان تي ڪيو ويو. جنهن ۾ 5 شاگرد شهيد ڪيا ويا. ٺوڙهي ڦاٽڪ واري سانحي جو ٿيڻ سنڌي قوم لاءِ جنگ جو اعلان هو ۽ فيصلي ڪن ويڙهہ جي پهرين ڪڙي هئي.

توڙهي ڦاٽڪ جو سانحو

17 آڪٽوبر 1984ع تي سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج (ايل ايم سي) ڄامشوري سان تعلق رکندڙ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن (جساف) جا 76 شاگرد ٻن بسن ۾ سوار ٿي لاڙڪاڻي ڏانهن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي پهرين سال جي شاگردن جي مان ۾ ڪيل آجياڻي ۽ "موهن جو دڙو بچايو" سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا ته اهو مناسب موقعو ڄاڻي فوجي جنتا سنڌي شاگردن کان پنهنجي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو بدلو چڪائڻ لاءِ دادو ضلعي جي مانجهند تعلقي جي کاٽوٽ شهر ويجهو "توڙهي ڦاٽڪ" وٽ 3 وڳي ڌاري شاگردن جي بسن تي وحشياڻو حملو ڪيو. ان کان اڳ منظم رٿابندي هيٺ توڙهي ڦاٽڪ کي بند ڪيو ويو. ڦاٽڪ جي آس پاس هڪ ميل جي ايراضيءَ تائين 7 هزار فوجي اهلڪار مورچابند ڪري وهاريا ويا. خودڪار رائيفلن، مشين گنن ۽ ٻين هٿيارن سان مسلح اهلڪار نه صرف شاگردن تي گهات لڳائڻ لاءِ اتي وهاريل هئا، پر ان کان اڳتي سيوهڻ وٽ پڻ اهڙو انتظام ڪيو ويو ته جيئن شاگرد هتان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ته وري سيوهڻ وٽ سندن مٿان حملو ڪيو وڃي. مطلب ته فوجي جنتا سنڌي شاگردن کي ڪنهن به صورت ۾ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي. هنن کي سنڌ جي حق پرست، آزادي پسند ۽ ترقي پسند قومپرست شاگردن کان سنڌ ۾

فوجي جنتا ۽ رجعت پسند ڌرين جي ناڪامي ۽ شڪست جو انتقام ورتو هو. جنهن لاءِ فوجي جنتا 17 آڪٽوبر تي اربع واري ڏينهن پوري اڳواٽ رٿابندي سان شاگردن مٿان خوني حملو ڪيو.

هي حملو نہ ڪنهن هڪ ميجر يا برگيڊيئر جي ذهني خرابي يا ذاتي هوڏ ۽ انا جو نتيجو هو، پر هن حملي لاءِ فوج جي جنرل هيڊ ڪوارٽر راولپنڊي (جي ايچ ڪيو) ۾ اڳواٽ تياري ڪئي وئي هئي ۽ ان جي نتيجن تي غور ڪيو ويو هو. ان لاءِ فوجي ڪوڊ تيار ڪيا ويا هئا. سڄي سنڌ ۾ مقرر ٿيل فوجي آفيسرن کي ان واقعي جي ردعمل کي روڪڻ لاءِ اڳواٽ آگاهہ ڪيو ويو هو ۽ ضروري ڪارروايون لاءِ تيار ڪيو ويو هو. هن خوني ناٽڪ جي سربراهي برگيڊيئر جهانگير ۽ ميجر عزيز عباس ڪري رهيا هئا.

سنڌي شاگردن جون بسون هڪ وڳي سنڌ يونيورسٽي کان روانيون ٿيون. جڏهن 3 وڳي ڏاري خاٽوٽ جي ويجهو پهتيون تہ اتي شاگردن کي هڪ جابلو ٽڪري مٿان فوجين جي چرپر نظر آئي. جيئن ئي بسون اڳتي ٽوڙهي ڦاٽڪ ڏانهن وڌيون تہ ان وقت ڪين اتي 50 کان 60 فوجي ۽ ڪجهہ پوليس اهلڪار نظر آيا. جن مان هڪ اهلڪار ٽوڙهي ڦاٽڪ بند ڪيو ۽ شاگردن جي بسن کي هيٺ ڪچي رستي تي لهڻ جا اشارا ڪيا. جيئن ئي بسون ڪچي رستي تي لهڻ شروع ٿيون تہ انهن تي چوڌاري فائرنگ شروع ٿي وئي. گولين جي برسات بسن جي درين کي چڪنا چور ڪرڻ لڳي. گوليون سيٽن جي سڌ تي اچي رهيون هيون. ان وقت ٽوڙهي ڦاٽڪ جو ميدان ڪربلا، مياڻي ۽ دٻي جي ميدان جنگ کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ وحشتناڪ ڏيکائي ڏئي رهيو هو. جتي هڪ طرف

هٿين خالي ڳاڙها ڳيرو گهوٽ آزادي جي نعرن سان گولين جي آجيان ڪري رهيا هئا تہ ٻئي طرف هٽلر، مسوليني ۽ چنگيز خان جو روحاني اولاد جديد هٿيارن سان ليس ٿي پنهنجي ننگي جارحيت جو مظاهرو ڪري رهيو هو. هڪ طرف معصومن جون دانهون ۽ ڪوڪون هيون، ٻئي طرف شيطاني ٽهڪ ۽ غليظ گاريون هيون. سنڌي قوم جي نئين نسل کي پنهنجي تاريخي سچائي، ترقي پسندي، انصاف پسندي ۽ وطن دوستي جو گولين جي صورت ۾ سلو ملي رهيو هو. فائرنگ وقت شاگرد بچاءُ خاطر سيٽن تان لهي بسن جي فرش تي هڪ ٻئي مٿان سمهي رهيا. گوليون درين جي سڌ ۾ اچي رهيون هيون. فوجين طرفان مسلسل 3 منٽ خودڪار هٿيارن سان فائرنگ ٿيندي رهي. ان بعد فائرنگ بند ڪري اهلڪار پنهنجي پر ۾ سيني شاگردن کي مئل سمجهي بسن اندر ڪاهي پيا. بسن ۾ سٽل شاگردن کي هيٺ لاهي روڊ جي پاسي ۾ اونڌي منهن سمهاريندا ويا، جنهن بعد سندن تلاشي ورتي وئي. هن انڌاڌنڌ فائرنگ ۾ 5 ڄڻا هرهڪ امان الله وسطڙو، انور عباسي، مالڪ خشڪ، ذڪريا ميمڻ ۽ منو بليدي شهيد ٿي چڪا هئا ۽ 37 شاگرد سخت زخمي ٿي پيا.

فوجين پنهنجي فتح تي نعرا هنيا ۽ هو پنهنجي وقتي ڪاميابي ۽ ڪامراني تي ٻهڪي رهيا هئا. جڏهن سڀ شاگرد بسن مان لاٿا ويا تہ فوجين سندن ٻن اڳواڻن گل محمد جکراڻي ۽ ستار موريو کي الڳ فوجي جيپن ۾ سخت پهري هيٺ اڻ ڄاتل هنڌ روانو ڪري ڇڏيو. باقي شاگردن تي مکن، لتن ۽ ڪنڌاڪن سان سخت تشدد ڪري پنهنجي نفرت جي باھ ٺڏي ڪئي وئي. ايتري قدر جو شهيدن جي لاشن جي پڻ بي حرمتي

ڪئي وئي. پنجابي زبان ۾ سنڌين خلاف بڪيو ويو ۽ نعره تڪبير ۽ پاڪستان زنده باد جا نعرا هنيا ويا.

ٽوڙهي ڦاٽڪ جي ميدان تي نہ صرف شاگردن مٿان تشدد جاري رهيو پر آس پاس جي علائقن ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪرڻ لاءِ چوڌاري سخت فائرنگ ڪئي وئي. جنهن ڪري ٽوڙهي ڦاٽڪ جي پرسان مال چاريندڙ هڪ ڌنار غلام رسول ڪوسو پڻ گوليون لڳڻ ڪري شهيد ٿي ويو. فوجي اهلڪار بک ۽ اڃ مرندڙ زخمي شاگردن کي ڪٽي حيدرآباد سينٽرل جيل پهتا. اتان زخمي ٿيلن کي لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد آندو ويو ۽ شهيد شاگردن جا لاش اسپتال جي سرد خاني ۾ رکيا ويا. ان دوران ايل ايم سي اسپتال جا سڀ دروازا بند هئا. جن تي پوليس ۽ فوج جا هٿياربند دستا پهرا ڏئي رهيا هئا. اسپتال جي اندر بہ ڪافي تعداد ۾ پوليس ۽ فوج موجود هئي. اسپتال جو سرجيڪل وارڊ مڪمل طور خالي ڪرايو ويو ۽ اتي زخمي شاگردن کي سخت پهري هيٺ داخل ڪيو ويو. باقي شاگردن کي رات جو 3 وڳي ڌاري سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ منتقل ڪري بند ڪيو ويو.

ان سانحي واري رات جو حڪومت اعلان ڪري سنڌ جون سڀ يونيورسٽيون اڻ ڄاتل مدي تائين بند ڪري ڇڏيون ۽ آڌي رات جو فوج ۽ پوليس ڄامشورو ۽ نواب شاهہ ۾ يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ گهڙي شاگردن کان هاسٽلون زبردستي خالي ڪرائي انهن مٿان پهرا لڳائي ڇڏيا. ڪراچي وايا ڄامشورو حيدرآباد روڊ تي ٽرئفڪ مٿان سخت چوڪسي ڪئي وئي. رستن تي فوجي پهرا لڳايا ويا. سڄي رات حيدرآباد لاڙڪاڻي روڊ ۽ حيدرآباد سکر روڊ تي فوج گشت ڪندي رهي. ريلن جي تلاشي

ورتي وئي ۽ اتان پنهنجن گهرن ڏانهن موٽندڙ شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو. جيڪي رات جي وڳڙي ۾ هاسٽلن مان نيڪالي ملڻ تي واپس وڃي رهيا هئا. سڄي سنڌ جي ڪاليجن ۾ پڻ هاسٽلن جي تلاشي جاري رهي. حيدرآباد شهر کي مڪمل جنگي ميدان ۾ تبديل ڪيو ويو. چپي چپي تي تلاشي ٿيندي رهي.

ان هيڏي وڏي سانحي جي خبر کي لڪائڻ لاءِ پريسن، اخبارن ۽ نيوز ايجنسين جي آفيسن تي سخت چوڪسي رهي. فوجي حڪومت شاگردن جي موت جي خبر کي 48 ڪلاڪن تائين لڪائي، ان واقعي لاءِ جواز گهڙڻ ۽ ان لاءِ پنهنجي بچاءَ ۾ سبب ڳولڻ جي رٿابندي ڪندي رهي. جيل ۾ پهتل شاگردن کي بند وارڊ ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن 18 آڪٽوبر کان قيدي شاگردن مٿان تشدد جو سلسلو شروع ڪيو ويو. تشدد سهندڙ شاگردن جي چوڻ موجب تشدد ايڏو ته بي رحماڻي نموني سان ڪيو ويو جو شاگردن جي دانهن جو آواز چوديواري سان ٽڪرائجي پڙاڏا پيدا ڪري رهيو هو. تشدد سهندي ڪيترائي شاگرد بي هوش ٿي ويندا هئا ته وري ڪين هوش ۾ آڻي تشدد ڪيو ويندو هو. فوجي پنهنجي ڪارروائي تي خوش ٿي ٿهڪ ڏيندي شاگردن کان پڇندا هئا ته، ”ٻڌايو ته اوهان وٽ ڪهڙا ڌاڙيل ايندا آهن؟ توهان جيئي سنڌ وارا سڀ ڌاڙيل آهيو، توهان ته هندن ۽ راجا ڏاهر جو اولاد آهيو.“

شاگردن کان پڇا ڳاڇا وقت فوج جا ميجر، اسپيشل برانچ جا اهلڪار ۽ ٻين ڳجهين ايجنسين جا اهلڪار موجود هوندا هئا. ان پڇا ڳاڇا دوران شاگردن کي مختلف قسمن جا ايذاءَ ڏنا ويندا هئا. جن ۾ اگهاڙو ڪري جسم جي مخصوص عضون تي سگريٽن سان ڏنڀ ڏيڻ، سڄ پترا

هڻڻ، هٿن پيرن مٿان ڪرسيون رکي انهن کي چيپاڻڻ، پاڻي جي ٽبن ۾ غوطا ڏيارڻ وغيره جهڙا حربا استعمال ڪيا ويندا هئا. شاگردن تي تشدد ڪرڻ لاءِ فوج طرفان سينٽرل جيل اندر چار ڪئمپون يعني تارچر سيل ٺاهيا ويا هئا. هر هڪ ڪئمپ ۾ پڇاڳاڇا لاءِ مختلف ايجنسين جا ماڻهو موجود هوندا هئا.

شاگردن جي مکيه اڳواڻن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي مرڪزي صدر گل محمد جکراڻي ۽ جساف سنڌ يونيورسٽي جي صدر ستار موريو کي 17 آڪٽوبر کان 22 آڪٽوبر تائين هڪ فوجي ڇانوڻي جي اذيت گاهه ۾ بند رکيو ويو ۽ سندن مٿان سخت تشدد ۽ مارڪٽ جاري رکي. هنن ٻنهي اڳواڻن سان فوجي ڇانوڻي اندر جانورن کان بہ بدتر سلوڪ ڪيو ويندو هو ۽ جڏهن هو بي هوش ٿي ويندا هئا تہ وري هوش ۾ آڻي مٿن تشدد ڪيو ويندو هو. ڪيترائي ڏينهن کين اڃيو ۽ بکيو رکيو ويو. ان تشدد دوران کائنئن اهو پڇيو ويندو هو تہ ”توهان جا پارٽ سان ڪهڙا واسطا آهن ۽ اتي ڪهڙن سرڪاري آفيسرن سان مليا آهيو؟، توهان کي ڪهڙا زميندار ۽ هندو مدد ڏيندا آهن. لاڙڪاڻي ويجهو 6 فوجي اهلڪار ڪنهن ماريا هئا؟“

22 آڪٽوبر تي گل محمد جکراڻي ۽ ستار موريو کي فوجي ڇانوڻي مان منتقل ڪري سينٽرل جيل حيدرآباد جي ڦاسي گهاٽ ۾ بند رکيو ويو. جتي اڳ ئي اقبال تنيو، عمر زرداري ۽ ڪمپومل بند هئا. ڦاسي گهاٽ جي ڪولين ۾ بند ساٿين جي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ ڏنڊا ٻيڙيون لڳل هونديون هيون ۽ مٿن صبح ۽ شام تشدد ڪيو ويندو هو. ان

ظلم خلاف ٽوڙهي ڦاٽڪ جي باندين جيل ۾ ڪيترائي ڀيرا بک هڙتال ڪئي ۽ جيل ۾ احتجاج ڪرايا.

واقعي بابت حڪومت جو موقف

ٽوڙهي ڦاٽڪ جي سانحي کي 48 ڪلاڪ گذرڻ ڪان پوءِ حڪومت 18 آڪٽوبر تي هيٺيون پريس نوٽ جاري ڪيو. جيڪو 19 آڪٽوبر 1984ع جي مڙني اخبارن ۾ شايع ٿيو.

”17 آڪٽوبر تي پوليس کي اطلاع مليو ته ڪجهه بدنام ڌوهاري انڊس هاءِ وي ذريعي لاڙڪاڻي وڃڻ جو ارادو رکن ٿا. جن وٽ هٿيار آهن. هڪ پوليس پارٽي ٻن مئجسٽريٽن سميت ٽوڙهي ڦاٽڪ وٽ ڊيوٽي تي موڪلي وئي. ساڳي وقت ايس پي او دادو کي پڻ خبردار ڪيو ويو ته هو ڌوهارين کي روڪڻ لاءِ سيوهڻ وٽ پوليس بيهارڻ جو انتظام ڪري. اٽڪل 3 وڳي 2 گاڏيون پهتيون. جن تي قابو پائڻ ۾ هڪ ڪانسٽيبل ۽ 11 ٻيا ماڻهو زخمي ٿيا. جن مان 5 جي حالت نازڪ آهي. گرفتار ٿيندڙن وٽان 3 ڪلاشنڪوف رائيفلون، 1390 ڪارتوس ۽ هڪ ديسي پسٽول مليو آهي.“

هن ڪوڙ تي مبني سرڪاري پريس نوٽ ۾ ڪٿي به شاگردن جو ذڪر نه ڪيو ويو. جڏهن ته شاگردن کي ڌاڙيل قرار ڏنو ويو. فائرنگ ۾ شهيد ٿيندڙ شاگردن کي پڻ زخمي ڏيکاريو ويو. فوج بدران پوليس سان مقابلو ڏيکاريو ويو. جڏهن ته ٽوڙهي ڦاٽڪ ۽ سيوهڻ وٽ وڏي تعداد ۾ فوج جو گهيراءُ هيو. جيئن شاگرد ٽوڙهي ڦاٽڪ وٽان نڪري وڃن ته وري سيوهڻ وٽ شاگردن مٿان گهات هنيو وڃي. ٻيو ته فوجي حڪومت هٿين

خالي ۽ پرامن طريقي سان ويندڙ شاگردن پويان هٿيار لڳائي، کين ڌاڙيل قرار ڏنو ۽ اهڙيون تصويرون اخبارن ۾ شايع ڪرايون.

واقعي جي ٽئين ڏينهن تي شهيد شاگردن مان 4 ڄڻن جا لاش ته سندن وارثن حوالي ڪيا ويا، پر شهيد انور عباسي جو مڙهه لاوارث قرار ڏئي واپڊا ڪالوني ڄامشوري واري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جنهن جي شهادت جو بعد ۾ مائٽن کي پتو پيو. هن واقعي جي شهيدن، زخمين ۽ گرفتار ٿيلن جي نالن کي ايترو ته ڳجهو رکيو ويو جو 3 ڏينهن تائين ڪنهن کي به خبر پئجي نه سگهي ته ڪهڙا شاگرد شهيد ٿيا آهن ۽ ڪير زخمي ٿيا آهن. جنهن ڪري سڄي سنڌ اندر سخت قسم جي ڳڻتي، ذهني اضطراب، مايوسي ۽ خوف پکڙيل رهيو. شاگردن جا والدين حيران ۽ پريشان پنهنجي جگر جي ٽڪرن جي تلاش ۾ مختلف ٿاڻن، اسپتالن ۽ جيلن جا چڪر ڪاٽيندا رهيا. واقعي جي 4 ڏينهن بعد فوجي جنتا شاگردن اڳواڻن مٿان ڪوڙا ڪيس مڙهي انهن جي پريس ۾ پڌرائي جاري ڪئي.

ڊي آءِ جي پوليس حيدرآباد ڪوڙ تي مبني هڪ ڊيو پريس نوٽ پڌرو ڪيو ته ”گرفتار ٿيل شاگرد رهنمائن هر هڪ ستار موريو، اقبال تنيو، گل محمد جکراڻي، عمر زرداري خلاف 1979ع کان هيل تائين 32 ڪيس داخل ٿيل آهن. جن جو تفصيل هن ريت آهن:

ستار موريو مٿان 12 ڪيس داخل آهن، جن ۾ ڳاهيجا ويجهو پوليس وين تي حملو ڪري 2 سپاهين ۽ 5 قيدين کي مارڻ، 2 جنوري 1984ع تي باگڙجي ويجهو هڪ بينڪ مان 28 لک روپيا ڦر ڪرڻ، 11 آگسٽ 1984ع تي ڄامشورو جي پوليس صوبيدار کي ناحق بند رکڻ،

حڪومت خلاف اعتراض جوڳيون تقريرون ڪرڻ ۽ نعرا هڻڻ وغيره شامل آهن.

گل محمد جکراڻي مٿان 6 ڪيس داخل آهن. جن ۾ حڪومت خلاف نعرا هڻڻ، پوليس تي حملو ڪرڻ، ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرائڻ وغيره شامل آهن.

اقبال ٽونيو تي 11 ڪيس داخل آهن. جن ۾ 14 آگسٽ 1984ع تي قومي جهنڊو ساڙڻ، بنا لائيسنس پستول رکڻ، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ بم جو ڌماڪو ڪرڻ، حڪومت خلاف غير قانوني گڏجاڻيون ڪرڻ ۽ نعرا هڻڻ شامل آهن.

عمر الدين زرداري مٿان 3 ڪيس داخل آهن. جن ۾ 25 جون 1981ع تي اعجاز پيٽرول پمپ حيدرآباد تان 5 هزار 500 روپيا ڦر ڪرڻ، 21 جنوري 1981ع تي اعتراض جوڳيون تقريرون ڪرڻ، مهراڻ يونيورسٽي ۾ شاگردن کي حڪومت خلاف ڀڙڪائڻ شامل آهن."

شاگردن مٿان لڳايل الزامن ۾ ڪيتري قدر سچائي هئي، اهو سڀ ڪجهہ هتان جي قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي طور طريقن مان ٿوري بہ سمجهہ رکندڙ ماڻهو ڄاڻي سگهي ٿو. پاڪستان جي پوليس جي هميشہ کان اها روايت رهي آهي تہ ڪٿي بہ ڪو ڌاڙو لڳي يا ڦر ٿئي، يا حملو ٿئي ۽ جوابدار هٿ نہ لڳن تہ پوليس پنهنجا عيب ۽ ثواب لڪائڻ لاءِ اهو سڄي نزلو خدا ڪارڻ مسڪين، بي وس ۽ پرامن شهرين جي کاتي ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي. خاص ڪري ڄامشوري ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ ان قسم جي وارداتن ۾ حڪومت مخالف قوم پرست شاگردن کي ملوث ڪرڻ پوليس جو محبوب مشغلو رهيو آهي. جيئن سنڌي

شاگردن جي تنظيمن ۽ اڳواڻن کي ان طريقي سان بدنام ڪري عوامي حمايت ۽ همدردي کان محروم ڪيو وڃي. ٻيو ته اهڙي طرح شاگردن خلاف قدم کڻڻ ۽ انهن خلاف آپريشن ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار بڻايون وڃن. پر سنڌي شاگردن ۽ سنڌ جي غيور عوام اڄ تائين حڪومت جي اهڙن شرمناڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي پئي ڇڏيو آهي. سنڌي شاگردن وڏي بهادري، همت، حوصلي ۽ تدبر سان سنڌ دشمن قوتن سان هر موقعي تي مهاڏو اٽڪائي، سندن پليت ارادن کي ناڪام بڻايو آهي.

سامراجي دلالن جي اها هميشه کان ڪوشش رهندي آئي آهي ته هو حق ۽ سچ جي آواز کي ڪوڙن، ڦاهين ۽ گولين وسيلي دٻائڻ جي ناڪام ڪوشس ڪندا آهن ۽ پنهنجا حق گهرندڙن يا آزادي پسندن کي هميشه ڌاڙيل، چور، خوني ۽ رهزن سڏيندا آيا آهن. جڏهن ته اهي مڙئي خاصيتون سندن منجهه ئي هونديون آهن. هو ئي غلام قومن جي حقن تي ڌاڙا هڻي وڏا ڌاڙيل بڻيا آهن. غلام قومن جي گذر جي وسيلن تي قابض بڻجي اتان جي مسڪينن سان رهزني ڪندا آيا آهن. پوءِ هو پنهنجا ڏوهه لڪائڻ لاءِ مظلوم قومن جي باشعور طبقن تي مختلف الزام هڻي، انهن جي اجتماعي نسل ڪشي ڪري سندن آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. غلام قومن جا فرد آقائن مان اهڙي ئي اميد رکندا آهن ۽ هو وقت اچڻ تي اهي ساڳيا لقب ۽ القاب، تشدد ۽ ظلم وياج سميت کين واپس ورڻ تي مجبور ڪندا آهن. ان ڪري ٽوڙهي ڦاٽڪ جي بهادر ساٿين تي لڳايل الزام حاڪم طبقن جي ذهني ڏيوالپڻي ۽ ڪميڻپ جا منهن ٻوليندڙ ثبوت هئا.

ٽوڙهي ٽربيونل ۽ فوجي جنتا

هن خوني ڊرامي ۽ وحشتناڪ قتل عام خلاف سڄي سنڌ ۾ وڏي پئماني تي مظاهرا ٿيا. سنڌ جي هر مڪتب فڪر جي ماڻهوءَ فوجي حڪومت جي هن بيهودي ۽ واهيات قدم کي ننديو ۽ ان جي سخت مذمت ڪئي. سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي ڏينهن مظاهرا ۽ هڙتالون ٿينديون رهيون. عوام جا وسيع حلقا هاري، مزدور، شاگرد، استاد، ڊاڪٽر ۽ وڪيل سڀ حڪومت خلاف ميدان عمل ۾ لهي آيا. سڄي سنڌ هن المناڪ سانحي تي پنهنجي غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو. سنڌ جي مڙني پارٽين جي اهم اڳواڻن، مڙني شاگرد تنظيمن، هارين ۽ مزدورن جي تنظيمن متحد ٿي هن قتل خلاف گڏيل آواز بلند ڪيو. جنهن بعد حڪومت مجبور ٿي هڪ مهيني کان پوءِ 98 گرفتار ڪيل شاگردن مان 89 ڄڻن کي مختلف وقتن تي هزارين روپين جي ضمانت تي آزاد ڪرڻ شروع ڪيو. نيٺ 3 مهينن گذرڻ بعد ٻيا سڀ شاگرد آزاد ڪيا ويا ۽ باقي 10 شاگرد اڳواڻن کي جيل ۾ رکيو ويو ۽ انهن مٿان ڪيس هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جن ۾ گل محمد جکراڻي، ستار موريو، اقبال تنيو، عمر الدين زرداري، دودو مهيري، نظير تنيو، ڪنڀو مل، رضا محمد چانديو، سليمان جتوئي ۽ قادر جتوئي شامل هئا. انهن شاگردن تي 3 مهينن تائين تشدد جو سلسلو جاري رهيو. جنهن ڪري انهن اڳواڻن ڪيترائي ڀيرا ان ظلم ۽ ناحق خلاف جيل ۾ بک هڙتالون ڪيون. پوليس ۽ فوج جي ناروا سلوڪ ۽ انسان دشمن رويي خلاف شاگرد اڳواڻن لڳاتار 65 ڏينهن احتجاجن بک هڙتال

ڪئي. پر پوءِ بہ انتظاميہ ڪي معصوم ۽ بي گناهہ شاگردن مٿان ڪابہ ڪهل نہ آئي ۽ مٿن اڳ ڪان وڌيڪ سختيون ڪيون ويون. ڪين جيل ۾ ڏنڊا ٻيڙيون هڻي بند وارڊ ۾ رکيو ويو ۽ سندن ملاقات هميشہ بند ڪئي وئي.

جڏهن سنڌي عوام طرفان اهي مطالبا زور وٺڻ لڳا تہ ٿوڙهي واقعي جي بي ريا جاچ ڪرائي وڃي، تڏهن حڪومت پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ، پنهنجي حق ۾ انصاف جو ڏاڪو ڄمائڻ، عوام کي بي وقوف بڻائڻ ۽ عوام جي گرم جذبن کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ هن واقعي جي عدالتي جاچ جو ناٽڪ شروع ڪيو. حڪومت طرفان جسٽس عبدالرزاق ٿهيم جي اڳواڻي ۾ "ٿوڙهي ٽربيونل" حيدرآباد ۾ تشڪيل ڏنو ويو.

ٿيڻ تہ ايئن گهربو هو تہ اها جاچ ڪنهن رٽائرڊ ججن جي پينل کان ڪرائي وڃي ها، ڇو تہ هن واقعي ۾ حڪومت سڌي طرح ملوث هئي. ان ڪري هڪ سنڌي چوڻي وانگر "ڏکيو بہ جهان خان ۽ فيصلي لاءِ هلو بہ جهان خان وٽ". حڪومت جي ان فيصلي مان هرڪو سمجهي پيو سگهي تہ انصاف جي ترازي جو پڙ ڪهڙي پاسي ڪلٽي ڪائيندو. جيڪڏهن حڪومت هن واقعي جي بي ريا جاچ ڪرائڻ جو ارادو رکي پئي تہ ان واقعي ۾ ملوث فوجين کي بہ گرفتار ڪيو وڃي ها. اصل ڏوهاري، جن اهو ڪڌو ڪم سرانجام ڏنو، جن ديده دليريءَ سان نو جوانن جو قتل عام ڪيو، سي ٻاهر رهي موجون ماڻيندا رهيا. جڏهن تہ فريادي يعني مظلوم ڌر جوابدارن جي پهري هيٺ انهن جي ظلم ۽ ڏاڍ جو نشانو بڻيل رهي. هن واقعي جا جوابدار ڪيس هلندي شاگردن کي ڌمڪائيندا هئا تہ سندن فائدي ۾ بيان نہ ڏنو ويو تہ کين وڌيڪ سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا.

فوجي حڪمران تہ اهو تاثر ڏيندا رهيا تہ هي عدالتون اسان جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ ٿيون سگهن. واقعي هن انڌير ننگري ۽ چربٽ راجا جي دور ۾ انصاف جو نالو وٺڻ بہ وڏو ڏوهہ بڻايو ويو هو. ان ڪري انصاف جي گهر ڪنڌڙ سندن نظر ۾ ڪيڏو نہ وڏو ڏوهاري هوندو.

ٽوڙهي ٽربيونل تي هن ڪيس جي هڪ باندي شاگرد اڳواڻ گل محمد جکراڻي هن طرح روشني وڌي: "انهيءَ معاملي کي دٻائڻ ۽ لنوائڻ خاطر وقتي طور تي جاچ جو لفظ استعمال ڪري سنڌ ۽ سنڌي قوم سان مذاق ڪئي وئي آهي. جيڪا فاتح ۽ جابر قومن طرفان مظلومن ۽ محڪومن سان ٿيندي آهي. اهڙي چٽي ۽ ديناداستي واقعي لاءِ جنهن جا سمورا پاسا پڌري پٽ نروار هجن. تحقيقات تہ اهڙن واقعن جي ٿيندي آهي، جن رات پيٽ ۾ جنم ورتو هجي. يا لڪل ۽ ڍڪيل هجن. اهڙي ظاهر ظهور واقعي لاءِ جنهن ۾ ڏينهن ڏٺي جو کلي عام قتل ٿيو هجي، رٿابندي تحت جديد هٿيارن سان مسلح ٿي، مظلوم قومپرست شاگردن تي فائرنگ ڪري، انهن کي ڪهي، ان تي نغارا وڄائي خوشي جو جشن ملهائي تمغا ورهايا وڃن. پوءِ وري هنبوڇيون هڻي تحقيقات جو ڍونگ رچايو وڃي. ان بابت اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ انڌير ننگري، چربٽ راجا، قاتل بہ اهي ۽ انصاف جو گهنڊ بہ انهن جي هٿن ۾."

ٽوڙهي ٽربيونل جي ڪارروائي ضلعي ڪائونسل حيدرآباد جي مرڪزي هال ۾ هلائي وئي. ٽوڙهي ٽربيونل پهريان سرڪاري گواهن جا بيان ورتا. ڪورٽ ۾ صحافين ۽ عام شهرين کي بہ اچڻ جي اجازت هئي. پروفيسر غلام مصطفٰي شاهہ بہ ٽربيونل ۾ پيش ٿيو. ڪيترين ئي حاضرين هليون. شاگردن پنهنجي بچاءَ لاءِ شاهدن جا نالا پيش ڪيا. جن

۾ ڪيترائي مشهور سياستدان، وڪيل، شهري ۽ شاگرد شامل هئا. پر ٽربيونل بچاءَ واري ڌر جي شاهدن مان ڪنهن هڪ کي به نه گهرايو. صرف هڪ طرفو ڪيس هلايو ويو. آخر ۾ ٽوڙهي ٽربيونل قيدي شاگرد اڳواڻن جا بيان وٺڻ شروع ڪيا. جڏهن شاگرد اڳواڻ گل محمد جکراڻي ٽربيونل ۾ هڪ ڀرپور بيان ڏيڻ گهريو ته ته ان کان فوجي جنتا گهٻرائجي ٽربيونل کي بيان وٺڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ ٽربيونل جي ڪارروائي جون تاريخون ملتوي ٿينديون رهيون. جڏهن شاگردن بچاءَ جي شاهدن جا بيان وٺڻ لاءِ ٽربيونل کي اپيل ڪئي ۽ زور ڀريو ته فوجي جنتا ٽربيونل کي حيدرآباد کان ڪراچي منتقل ڪري ڇڏيو. جيئن ڪراچي ۾ اچا به پنهنجي مرضيءَ موجب ڪيس هلايو وڃي. آخر ۾ ٽوڙهي ٽربيونل ۾ شاگردن کي پيش ڪري ڪارروائي ختم ڪئي وئي. بعد ۾ فوجي جنتا ان نام نهاد ٽربيونل جي رپورٽ به ظاهر ٿيڻ نه ڏني. ٽربيونل طرفان ڪيل فيصلو عوام جي نظرن کان اوجهل رکيو ويو. ڇاڪاڻ ته هن ٽربيونل جي ڪارروائي صرف رسمي هئي، اصل فيصلو فوجي جنتا جي هٿ ۾ هو.

جڏهن ٽوڙهي ٽربيونل پنهنجي ڪارروائي ختم ڪري رپورٽ مڪمل ڪئي ته عوام طرفان مطالبا ڪيا ويا ته اها رپورٽ جلد ظاهر ڪئي وڃي. پر فوجي جنتا جي من ۾ ڪجهه ٻيو هو. ان سلسلي ۾ جڏهن سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن اجلاس ۾ وڏي وزير سيد غوث علي شاهه کان ٽربيونل جي فيصلي جي اعلان بابت پڇيو ته وڏي وزير اسيمبلي جي ايوان ۾ ٻڌايو ته ”ٽوڙهي ٽربيونل پنهنجي ڪارروائي مڪمل ڪري چڪي آهي ۽ فيصلي جو اعلان جلد کان جلد ڪيو ويندو.“ پر سندس ان بيان کي فوجي جنتا ڪو ڳاهه به نه وڌو ۽ ان رپورٽ کي

ڳڙڪائي قيدي شاگردن خلاف 14 جون 1985ع تي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ خاص فوجي عدالت نمبر 22 قائم ڪري ان ۾ وري ڪيس هلائڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح فوجي جنتا جنهن هن ٽربيونل کان منشا موجب فيصلو ڪرائڻ لاءِ ان تي اثر انداز ٿي، جيڪا رپورٽ تيار ڪرائي هئي، ان کي ته ظاهر نه ڪيو پر اٽلندو، پاڻ سڌو سنئون ميدان تي اچي وئي. جنهن مان ثابت ٿيو ته فوجي جنتا کي پنهنجي جوڙيل ٽربيونل جي رپورٽ تي به اعتبار نه هو ۽ هو سنڌي شاگردن کي ڪا هلڪي کان هلڪي رعايت ڏيڻ لاءِ به تيار نه هئي. فوجي جنتا کي پنهنجي ئي تشڪيل ڏنل سول عدالت جو فيصلو به منظور نه هو. هنن مڪمل طرح ڪيس کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائي سنڌي شاگردن کي پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جو نشانو بڻائڻ پئي گهريو.

جڏهن جيل ۾ خاص فوجي عدالت تشڪيل ڏني وئي ته قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي هڪ وفد وزيراعظم محمد خان جوڻيجو سان ملاقات ڪري ڪيس ان ناانصافيءَ کان آگاهه ڪري انصاف جي گهر ڪئي. وزيراعظم وفد کي يقين ڏياريو ته فوجي عدالت ختم ڪئي ويندي. وزيراعظم بعد ۾ فوجي عدالت کي ختم ڪرڻ جو سرڪاري سطح تي به اعلان ڪيو. جنهن بعد وفاقي گهرو وزير اسلم خٽڪ به قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ميمبرن کي آگاهه ڪيو ته فوجي عدالت ختم ڪئي وئي آهي ۽ اهو ڪيس سول عدالت ۾ هلايو ويندو. پر وزيراعظم ۽ وفاقي گهرو وزير جي حڪم بعد به فوجي جنتا اهو ڪيس زبردستي فوجي عدالت ۾ هلائيندي رهي. ان سلسلي ۾ فوجي جنتا پنهنجي ڪٺ پتلي وزيراعظم ۽ گهرو وزير جي اعلانن جو به ڀرم قائم نه رکيو ۽ سندن سک پٽ به داءَ

تي لڳائي ڇڏي. فوجي جنتا خوش فهمي ۾ مبتلا ماڻهن کي ڏيکاري ڇڏيو ته هن ملڪ ۾ وزيراعظم کان به وڌيڪ فوج جو هڪ ميجر بااختيار ۽ سگهارو آهي. فوجي جنتا جو معمولي سپاهي به سنڌ سان تعلق رکندڙ سول انتظاميه جي اعلىٰ عهديدار کان مٿانهون ۽ اعلىٰ آهي. فوجي حڪومت جي ان تشڪيل ڏنل فوجي عدالت جو گرفتار ٿيل سنڌي شاگردن مڪمل بائيڪاٽ ڪيو. فوجي جنتا زبردستي قيدي شاگرن کي ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ گهريو. ان لاءِ سنڌي شاگردن مٿان وحشياڻو ڏاڍ ۽ جبر ڪيو ويو. ڪين هٿڪڙيون ۽ ڏنڊا بيڙيون هڻي زبردستي ڪنهي فوجي عدالت آندو ويو. پر پوءِ به سنڌي شاگردن اتي چپ به نه چوريو ۽ ان ظلم خلاف جيل ۾ بک هڙتال شروع ڪري ڏني. فوجي عدالت 18 آگسٽ ۽ بعد ۾ 24 آگسٽ تي جيل اندر ڪيس هلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر شاگرد ساٿين ظلم ۽ جبر سهڻ باوجود ان جو مڪمل بائيڪاٽ جاري رکيو.

ٿوڙهي سانحي جي شاگردن مٿان فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائڻ ۽ ٽربيونل جي رپورٽ ظاهر نه ڪرڻ خلاف سڄي سنڌ مان آواز بلند ٿيڻ لڳو. تعليمي ادارن اندر احتجاج وڌڻ لڳو. سڄي سنڌ ۾ شاگرد سراپا احتجاج بڻجي ويا. فوجي جنتا خلاف سڄي سنڌ ۾ نفرتن جو طوفان تيز ٿي ويو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن طرفان پنهنجي ساٿين تي فوجي جنتا طرفان ٿيندڙ تشدد ۽ ڪين زبردستي فوجي عدالت ۾ پيش ڪرڻ خلاف 5 سيپٽمبر 1985ع تي احتجاج جو ڏهاڙو ملهايو ويو. سڄي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. تعليمي ادارن ۾ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. وڪيلن عدالتي ڪارروايئن جو بائيڪاٽ ڪيو.

شهرين پنهنجو ڪاروبار بند رکيو. شهرين طرفان احتجاج طور ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي روڊن رستن، خانگي عمارتن ۽ گهرن تي ڪارا جهنڊا ڦڙڪايا ويا. ان ڏينهن تي سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري جي شاگردن احتجاجي جلسو ڪيو ۽ ٿوڙهي سانحي جي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو. جلسي بعد شاگردن احتجاجي جلوس ڪڍي سپر هاءِ وي تي ٽول پلازه وٽ رستو بلاڪ ڪري ڇڏيو. جتي پوليس ۽ شاگردن ۾ سخت ڇڪريون ٿيون. پوليس موقعي تي 28 شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو، جڏهن ته فوجي عدالت جي تشڪيل خلاف ان ڏينهن تي ٿيندڙ مظاهرن ۾ پوليس سڄي سنڌ مان 200 کن شاگرد گرفتار ڪري ورتا.

قومي اسيمبلي جي ميمبرن، جن ۾ سنڌي، بلوچ ۽ پختون ميمبر شامل هئا، تن ٿوڙهي سانحي جي شاگردن تي فوجي عدالت ۾ ڪيس نه هلائڻ واري وزيراعظم جي واعدي جي تڪميل نه ٿيڻ خلاف ايوان ۾ سخت احتجاج ڪندي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو. پر پوءِ به فوجي جنتا پنهنجي هوڏ تي قائم رهي. ڪيس فوجي عدالت ۾ هلندو رهيو. نيٺ جڏهن 31 ڊسمبر 1985ع تي مارشل لا هٽائي وئي ته هي ڪيس به ٻين فوجي عدالتن ۾ هلندڙ ڪيسن وانگر سول عدالت ڏانهن منتقل ڪيو ويو. ان عرصي تائين فوجي جنتا اسيمبلي ميمبرن، سول حڪمرانن ۽ عوام جي ان مطالبي کي فقط ان ڪري تسليم نه ڪيو ته متان عوام منجهه پنهنجي فتح جو احساس جاڳي ۽ منهنجن اهو احساس جنم وٺي تي سندن احتجاجن ۽ مطالبن ڪان مجبور ٿي فوجي جنتا هي ڪيس سول عدالت ۾ منتقل ڪيو آهي. ايئن ڪرڻ سان فوجي جنتا جو هوڏ ۽ انا

مجروح ٿئي ها، ان ڪري فوجي حڪمران ٿوري عرصي لاءِ به پنهنجي ضد تي قائم رهيا ۽ پنهنجي ڪوڙي طاقت جو ڀرم قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي. هونئن به پاڪستان جي فوج جي اها فطرت رهي آهي ته هن ڪڏهن به پنهنجي ملڪ جي عوام جي حاڪميت تسليم نه ڪئي آهي پر اوپر پاڪستان ۾ ڏاري فوج آڏو 90 هزار فوجين هٿيار ڦٽا ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي. فوجي جنتا جي ان رويي مان ثابت ٿئي ٿو ته مظلوم قومن جو احتجاج فوجي حڪمرانن آڏو ڪابه اهميت نه ٿو لهڻي.

مارشل لا ختم ٿيڻ کان پوءِ ٿوڙهي سانحي جي قيدي شاگردن جو ڪيس ٿيون پيرو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ اسپيشل ٽربيونل قائم ڪري هلائڻ شروع ڪيو ويو. جنهن جون ڪيترين ئي شنوايون ٿينديون رهيون. ان وچ ۾ ٿوڙهي سانحي جا شاگرد قيد جون تڪليفون برداشت ڪندا رهيا. نومبر 1986ع ۾ پوليس فوج جي چوڻ تي ٿوڙهي سانحي جي اسيرن کي جيل ۾ سخت تشدد جو نشانو بڻايو ۽ ڪين ڏنڊا ٻيڙيون هڻي بند وارڊ ڪيو ويو. جنهن جي خلاف جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن (جساف) جي سڏ تي 21 نومبر 1986ع تي سڄي سنڌ ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ۽ حڪومت جي ان قدم کي ننديندي احتاجي مظاهرا ڪيا ويا. بعد ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جوڙيل اسپيشل ٽربيونل کي ٽوڙي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو. جنهن مان ڪيس جا 2 حصا ٽربيونل جي حوالي ڪيا ويا، جڏهن ته ڪيس جو هڪ حصو سيشن ڪورٽ ڪوٽڙي کي موڪليو ويو. سيشن ڪورٽ ڪوٽڙي طرفان شاگردن جون ضمانتون منظوري ڪري سندن آزادي جو حڪم جاري ڪيو ويو، پر حڪومت کين آزاد ڪرڻ بدران ٻيهر نظربند ڪري ڇڏيو. ان نظربندي مان ڇوٽڪارو ملڻ تي شاگرد اڳواڻن کي وري

سنڌ ڪرائيم ايڪٽ هيٺ جيل موڪليو ويو. شاگرد اڳتي هلي سنڌ ڪرائيم ايڪٽ تحت داخل ڪيسن مان آجا ٿيا ته وري ڄامشوري پوليس ٿاڻي تي داخل ٿيل 2 ڪيسن ۾ سندن گرفتاري ظاهر ڪري جيل موڪليو ويو. ٿوڙهي ڦاٽڪ ڪيس جي اسيرن جي ڪيسن جي پيروي ڪندڙ وڪيلن ۾ ماما يوسف لغاري ايڊووڪيٽ، حفيظ لاکو ايڊووڪيٽ، حسين شاهه راشدي ۽ نورالدين سرڪي شامل هئا. 17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءَ جي هوائي حادثي ۾ مري وڃڻ کان پوءِ 1989ع ۾ عدالتن طرفان گل محمد جکراڻي، ستار موريو، اقبال ٿنيو، عمر زرداري، دودو مهيري، نذير ٿنيو ۽ سڪندر ميراڻي جون ضمانتون منظور ڪري کين آزاد ڪيو ويو. ناميا ري سياسي اڳواڻ مير محمد ٽالپر طرفان واقعي واري هنڌ تي ٿوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جو هڪ يادگار تعمير ڪرايو ويو.

خوني ناٽڪ جي مذمت ۽ مطالبا

سنڌ جي ويجهڙائي واري تاريخ ۾ هي پهريون پيرو هو، جو ڪنهن واقعي تي سنڌ جي مڙني سياسي ڌرين، هارين، مزدورن، استادن، شاگردن، وڪيلن ۽ ڊاڪٽرن هڪ جهڙو ردعمل ظاهر ڪيو هجي. جڏهن 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٿوڙهي ڦاٽڪ جو سانحو پيش آيو ته سنڌي قوم جي مڙني طبقن جو جيءُ جهري پيو. هن سانحي زندگيءَ جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ ماڻهوءَ کي متاثر ۽ غمزده ڪيو. ان سانحي خلاف هڪ پليٽ فارم تي اچي جدوجهد ڪرڻ جو حوصلو بخشيو. هن سانحي خلاف سنڌ جي مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن جيڪو احتجاج ڪيو، هن واقعي جي مذمت ڪئي ۽ سنڌي شاگردن سان انصاف ڪرڻ ۽ ڏوهارين کي سر عام عبرتناڪ سزا ڏيڻ جا جيڪي مطالبا ڪيا، انهن تي جيڪڏهن تفصيل سان لکجي ته هوند هڪ الڳ ڪتاب جڙي پوي. پر اسان صرف هتي مختلف پارٽين ۽ انهن جي رهنمائن، سماجي، ادبي ۽ ثقافتي تنظيمن ۽ انهن جي اڳواڻن جا ڪجهه اهم مذمتي بيان ۽ مطالبا پيش ڪريون ٿا. جيئن مجموعي تاثر ملي سگهي ته هن سانحي تي سنڌي قوم جو ردعمل ڇا رهيو ۽ انهن جون ڪهڙيون گهرون رهيون. اسان

هيٺ انهن مڙني سياسي پارٽين، ادبي ۽ سماجي تنظيمن جا نالا ڏيون ٿا. جن هن سانحي خلاف منظم احتجاج ڪيو ۽ ان کي نِنديو.

1. جيئي سنڌ تحريڪ ۽ ان جون ذيلي تنظيمون
2. سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽي ۽ ان جو ذيلي تنظيمون
3. سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ان جون ساٿي تنظيمون
4. عوامي تحريڪ ۽ ان جون ذيلي تنظيمون
5. پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ان جون ذيلي تنظيمون
6. جمعيت علماءِ اسلام سنڌ ۽ ان جون ذيلي تنظيمون
7. نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي سنڌ
8. سنڌ بلوچستان ايسوسيئيشن لنڊن
9. سنڌي ادبي سنگت ۽ ان جون شاخون
10. سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي
11. سنڌي مدرز تنظيم
12. مختلف يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جون استاد تنظيمون
13. سنڌ جون سيئي بار ڪائونسلون
14. سنڌي بلوچ پختون فرنٽ وغيره

هيٺ ڪجهہ پارٽين، تنظيمن ۽ سندن اڳواڻن جا خاص خاص مذمتي بيان شامل ڪجن ٿا.

جيئي سنڌ تحريڪ جي باني سائين جي ايم سيد نظربندي دوران هن واقعي کي نندينديءَ سنڌي قوم کي سڏ ڏنو تہ هو متحد ٿي ظالم قوت خلاف اٿي کڙي ٿئي. جيڪڏهن اڃا بہ سنڌي قوم سجاڳ نہ ٿي تہ پوءِ سدائين لاءِ صفحہ هستي تان ميٽجي ويندي.

جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر پڻ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪرڻ، جاني ۽ مالي نقصان جو معاوضو ادا ڪرڻ ۽ هن واقعي جي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو.

سنڌي بلوچ پختون فرنٽ جي اڳواڻ ممتاز ڀٽو ڪراچي مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ لنڊن روانو ٿيندي هن سانحي کي سفاڪانہ قتل عام ڪوٺيو ۽ چيو تہ سنڌي قوم جي حقن حاصل ڪرڻ جا مڙئي پرامن دروازا بند ڪيا پيا وڃن. اسان هر حالت ۾ پنهنجا قومي حق حاصل ڪنداسين.

بلوچستان جي قومپرست اڳواڻ عطا الله مينگل لنڊن ۾ بي بي سي سان هن سانحي تي ڳالهائيندي چيو تہ بلوچ ۽ سنڌي هاڻ پاڪستان ۾ نہ رهي سگهندا. سنڌي ۽ بلوچ متحد ٿي پاڻ کي هڪ صوبي جي تسلط کان آزاد ڪرائين. هن سنڌ جي سياستدانن تي زور ڀريو تہ هو ٻين صوبن سان جيڪي قومي حق حاصل ڪرڻ لاءِ ويڙهہ ڪري رهيا آهن، گڏجي هڪ صوبي جي تسلط جي خاتمي ۽ سماجي ترقي جي حصول لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ شريڪ ٿين.

سنڌ بلوچستان ايسوسيئيشن لنڊن جي صدر ڊاڪٽر خالد لغاري بي بي سي تان هن واقعي جي مذمت ڪندي ان کي سفاڪانہ قتل عام

ڪوٺيو ۽ چيو تہ سنڌي ماڻهو پاڻ کي هڪ قوم جي حيثيت سان صفحہ هستي تان مٽائڻ خلاف سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا.

پاڪستان پيپلز پارٽي جي جلاوطن اڳواڻ جام صادق لنڊن ۾ بي بي سي ريڊيو جي نمائندي سان ڳالهائيندي چيو تہ پاڪستاني فوج بنگلاديش مان سبق نہ سکيو آهي ۽ اهي ساڳيا قدم سنڌ ۾ کڻي رهي آهي.

پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر غلام مصطفیٰ جتوئي بي بي سي جي نمائندي کي انٽرويو ڏيندي چيو تہ هي فائرنگ، قتل عام ۽ فوجي حڪومت جو وحشياڻو قدم آهي. سنڌ ۾ هن وقت صورتحال اهڙي آهي، جيڪا بنگلاديش ۾ هئي، جيڪو 1971ع ۾ بنگلاديش بڻجڻ کان اڳ اوڀر پاڪستان سڏبو هو.

جمعيت علماءِ پاڪستان جي سربراهہ مولانا شاهہ احمد نوراني ٿوڙهي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ۽ عوام کي فوتين جي لاءِ "يوم دعا" ملهائڻ جي اپيل ڪئي.

جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي رهنماءَ مولانا سيد محمد شاهہ امروٽي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ٿوڙهي واقعي خلاف هڪ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ بنگال واريون حالتون پيدا ڪرڻ کان پوءِ سنڌ پاران ڪنهن بہ ردعمل ظاهر ڪرڻ جي ذميواري فوجي ٽولي تي رهندي. هن چيو تہ شهيد ٿيل سنڌي شاگرد منهنجا ٻچا آهن.

سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽي پنهنجي ٽين ڪانگريس ۾ ٿوڙهي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ گرفتار ٿيل شاگردن جي آزاديءَ جي گهر ڪئي.

سنڌ هاري ڪاميٽي جي قيادت هن قتل عام جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته نوجوانن جو خون ضرور رنگ لائيندو ۽ هن ملڪ جو عوام فوجي درندن کان خون جي هڪ هڪ ڦڙي جو حساب وٺندو. اسان سيني شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪيون ٿا ۽ اهو عزم ڪريون ٿا ته جيسين انهن شهيدن جي خون جو حساب نه وٺنداسين، سک ۽ چين سان نه رهنداسين.

سروَنٽس آف سنڌ سوسائٽي جي صدر پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه ۽ سيڪريٽري جنرل نامياري اديب سراج الحق گهر ڪئي ته هن واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي ۽ واقعي جي ذميوار ماڻهن خلاف سخت قدم کنيو وڃي. هنن ڏکويل ڪٽنبن سان ڏک جو اظهار ڪيو.

پير آف راڻيپور پير عبدالقادر شاهه چيو ته سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن سان پيش آيل هي حادثو افسوسناڪ آهي ۽ ان واقعي جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي. هن ان واقعي جي غير جانبدار جاچ جو مطالبو ڪيو.

سنڌي مدرز تنظيم جي سربراهه ۽ سنڌ ڪائونسل جي ميمبر بيگم گلزار انڙ حڪومت کان گهر ڪئي ته شاگردن واري واقعي جي عدالتي جاچ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ججن کان ڪرائي وڃي.

سنڌي پورهيت سنگت سنڌ جي مرڪزي اڳواڻن سنڌي شاگردن جي قتل ٿي وڃڻ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ چيو ته هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت هي واقعو ٿيو آهي. هنن پنهنجي بيان ۾ مارشل لا حڪومت ۾ شامل سنڌي وزيرن، مجلس شوريٰ جي ميمبرن ۽ مڪاني ادارن جي ڪائونسلرن کي اپيل ڪئي ته هو احتجاج

طور هن ڏک ۾ شريڪ ٿين. ٻي صورت ۾ سنڌ جو عوام کين ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو.

سنڌي پورهيت تنظيم جي مرڪزي عهديدارن هن واقعي تي ڏک جو اظهار ڪندي سڀني شاگردن جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو.

جميعت طلباءَ اسلام سنڌ جي مرڪزي اڳواڻن هن واقعي خلاف احتجاج ڪندي ان کي سفاڪانہ قتل عام ڪوٺيو ۽ ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي.

ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (ڊي ايس ايف) جي مرڪزي قيادت ٺوڙهي واري واقعي ۽ سنڌ ۾ وڌندڙ فوجي تشدد جي مذمت ڪندي مطالبو ڪيو تہ ٺوڙهي ڦاٽڪ واري واقعي ۾ ملوث فوجين کي ڦاسي ڏني وڃي ۽ گرفتار شاگرد آزاد ڪيا وڃن.

پروگريسو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي اڳواڻن چيو تہ آمريت جي خلاف هتان جي شاگردن جي جدوجهد کي مختلف موقعن تي حڪمرانن ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن هو عوام جي جمهوري تحريڪ کان هڪ شاگرد ساٿي کسي سگهن. پر سنڌي شاگردن جدوجهد مان جيڪو شعور ۽ تجربو حاصل ڪيو آهي، ان آڌار تي حڪمرانن جي هر چال کي ناڪام بڻايو آهي ۽ جدوجهد جاري رکي آهي. 17 آڪٽوبر وارو واقعو بہ ان ئي پس منظر ۾ ڏسڻ کپي. حڪمران آگسٽ 1983ع واري تحريڪ ۾ ڪاڏل شڪست جو بدلو ورتو ۽ پنهنجي طاقت مڃائڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪيو آهي.

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي عهديدارن ۽ 120 شاخن هن واقعي جي مذمت ڪندي ان کي سنڌي قوم خلاف جارحانہ قدم ڪوٺيو ۽ واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي سزائون ڏيڻ جو مطالبو ڪيو.

سنڌ يونيورسٽي ٽيچرز ايسوسيئيشن جي هڪ هنگامي گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ هن واقعي جي هاءِ ڪورٽ جي جج معرفت جاچ ڪرائي وڃي. مري ويلن ۽ زخمين جي خاندانن کي معاوضو ڏنو وڃي. گرفتار ٿيلن ۽ زخمي ڪيلن جي لسٽ جاري ڪئي وڃي. اجلاس پاڪستان بار ڪائونسل کان گھر ڪئي تہ هن واقعي جي جاچ لاءِ هڪ آزادانہ ڪميشن قائم ڪئي وڃي. ٺهراءُ ۾ گهر ڪئي وئي تہ سيني يونيورسٽين ۽ تعليمي ادارن کي هڪدم کوليو وڃي. فوتي ملازمن جي پيائرن کي سنڌ يونيورسٽي ۾ ملازمت ڏني وڃي ۽ سندن امداد لاءِ فنڊ قائم ڪيو وڃي. هن واقعي بابت اخبارن کي خبرون شايع ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي.

مهراڻ يونيورسٽي ٽيچرز ايسوسيئيشن جي هڪ تعزيتي گڏجاڻي ڪوٺائي هن واقعي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو. هن واقعي جي بي ريا جاچ ڪرائي جوابدارن کي سخت سزا ڏيڻ جي گهر ڪئي وئي.

سنڌي ٽيچرز رابطا ڪاميٽي جي عهديدارن هن واقعي جي مذمت ڪندي ان جي بي ريا جاچ ۽ شاگردن جي آزادي جو مطالبو ڪيو.

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيلن حڪومت جي ان قدم جي مذمت ڪئي تہ حڪومت 48 ڪلاڪن تائين شاگردن جي مارجي وڃڻ واري خبر کي لڪائي رکيو. هنن واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ڏيڻ جو مطالبو

پڻ ڪيو. ساڳي طرح لاهور ۽ ڪراچي جي وڪيلن جي بار ايسوسيئشنن طرفان حڪومت جي ان قدم جي مذمت ڪئي وئي.

ضلعي بار ڪائونسل دادو جي صدر ۽ جنرل ضياءَ الحق جي مجلس شوريٰ جي ميمبر نصرالله ڪلهوڙي جي صدارت ۾ بار ڪائونسل دادو جي اجلاس ۾ گهر ڪئي وئي ته هڪ غير جانبدار ٽريبونل جي ذريعي هن واقعي جي تحقيقات ڪرائي واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي سخت سزا ڏني وڃي ۽ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي.

سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن سنڌ جي مرڪز ۽ مڙني شاخن هن واقعي جي مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته ملوث ماڻهن کي سخت سزا ڏني وڃي ۽ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي.

سنڌي پريس جو ڪردار

جڏهن بہ سنڌ ۾ سنڌين تي ڏکيا ڏينهن آيا آهن تہ سنڌي پريس ۽ سنڌي صحافين پنهنجي اپري سيري حال آهر پاڻ نڀايو آهي. سنڌ جي صحافين، سنڌي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي قيد ڪاٽيا آهن، ڦٽڪا کاڌا آهن، ۽ سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب عتاب جو شڪار ٿيا آهن. حق ۽ سچ جو نعرو بلند ڪرڻ جي عيوض سنڌي پريس وڏيون تڪليفون سٺيون آهن. سنڌي اخبارن ۽ رسالن جا اشتهار بند ڪيا ويا آهن. سڀئي سرڪاري سهوليتون واپس ورتيون ويون آهن. اجا بہ اڳتي وڌي انهن تي بندشون وڌيون ويون آهن. پريسون ضبط ڪيون ويون آهن. جڏهن 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٽوڙهي ڦاٽڪ جو سانحو ٿيو تہ اها سنڌي پريس ئي هئي ۽ اهي سنڌي صحافي ئي هيا، جن ان واقعي جي حقيقي رپورٽنگ ڪئي ۽ ان سانحي تي سنڌي ميڊيا سخت احتجاج ڪيو. ان واقعي خلاف ٿيندڙ احتجاج کي بهتر ڪوريج ڏني. ان سانحي خلاف ايڊيٽوريل لکيا. جڏهن تہ ان جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ اردو پريس سنڌي ماڻهن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ کان وسان ڪين گهٽايو. سنڌين جي دل آزاري ڪرڻ لاءِ ڪوبہ موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏنو. نہ صرف اردو پريس هن واقعي کي ٽوڙي مروڙي اصل حقيقتن جي پردا پوشي ڪئي، پر نهايت غليظ نموني بي گناهہ شاگردن کي غلط رنگ ۾ پيش ڪرڻ کان وسان نہ گهٽايو. اسان صرف هتي نموني طور اردو رسالن ۽ اخبارن جي لکيل

ايڊيٽوريلن جا ٽڪرا ڏيون ٿا. جيئن خبر پوي ته سنڌ مان نڪرندڙ اردو اخبارن سنڌي ماڻهن تي ڪيئن نه واهيات ۽ ڪريل نموني حملا ڪيا ۽ حڪومت کي بڇون ڪيون ته سنڌي ماڻهن ۽ انهن جي نوجوانن خلاف اهڙا خوني ڊراما نه صرف صحيح آهن. پر انهن کي اڃا به منظم نموني عمل ۾ آندو وڃي. جيئن سنڌي ماڻهن جو حق پرست آواز هميشه لاءِ دٻجي وڃي.

روزاني نواءِ وقت ڪراچي پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ فوجي حڪومت جي 17 آڪٽوبر واري قدم جي ساراهه ڪئي ۽ شاگردن کي هٿياربند ڌوهاري ماڻهو قرار ڏنو. اخبار اها اميد ظاهر ڪئي ته هاڻ ان واقعي کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ شورش پسندي ڪندڙن، ڄامشورو ۾ مسلسل دهشتگردي ڪندڙن ۽ پرپاسي ۾ ڌاڙن جون وارداتون ڪندڙن جو خاتمو ٿي ويندو. اخبار شاگردن تي الزام لڳايو ته هو يونيورسٽين ۾ نه صرف ڌاڙيل رهائيندا هيا، پر پاڻ به ڌاڙا هڻندا هئا. ان ڪري انهن کي سختي سان ڪچلڻ ضروري هو. (ايڊيٽوريل 20 آڪٽوبر 1984ع)

روزاني جسارت ڪراچي پڻ ساڳي نموني ايڊيٽوريل لکي سنڌي شاگردن کي ڌاڙيل، چور ۽ شرپسند سڏيو ۽ علائقائي رجحانن کي ختم ڪرڻ ۽ انهن کي موثر نموني دٻائڻ جي حڪومتي قدم جي ساراهه ڪئي. جماعت اسلامي جي ترجمان اخبار جسارت پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ قومي حق گهرندڙن کي نهايت واهيات زبان سان مخاطب ٿيندي سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي نالي سنڌي قوم جي نسل ڪشي ڪرڻ لاءِ هلندڙ وسيع تر فوجي آپريشن کي حق بجانب قرار ڏنو. اخبار ان آپريشن کي اڃا به وسيع ڪرڻ جي رٽ ڏني. (22 ۽ 26 آڪٽوبر 1984ع)

جڏهن ته سنڌي اخبارن ۽ رسالن فوجي حڪومت جي ان قدم کي ڪليل دهشتگردي ۽ ڏاڍ سان تعبير ڪندي، ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي. اهڙن قدمن کي سنڌي قوم لاءِ چئلينج قرار ڏنو. سنڌي اخبارن پنهنجي ايڊيٽوريلن، خاص مقالن ۽ مضمونن رستي حڪومت کان گهر ڪئي ته واقعي جي جوابدار عنصرن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن ۽ سنڌي شاگردن سان انصاف ڪيو وڃي. ٿوڙهي ڦاٽڪ سانحي خلاف هلندڙ احتجاج ۾ سنڌي ٻولي جي مڙني اخبارن ۽ رسالن هڪ آواز ٿي حق ۽ سچ جو علم بلند ڪيو. جن سنڌي اخبارن هن ظلم خلاف موثر آواز اٿاريو، انهن ۾ روزاني هلال پاڪستان ڪراچي، روزاني عبرت حيدرآباد، روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد، روزاني مهراڻ حيدرآباد، روزاني آفتاب حيدرآباد، ماهوار نئون نياپو، ماهوار الصادق، ماهوار پارس ۽ ٻيا رسالا شامل هئا. هيٺ سنڌي اخبارن ۽ رسالن جا ڪجهه ايڊيٽوريل ڏجن ٿا.

روزاني عبرت حيدرآباد هن واقعي تي ايڊيٽوريل لکي گهر ڪئي ته هن واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي، مارجي ويل ۽ زخمين جي ڪٽنبن کي مناسب معاوضو ڏنو وڃي. مارجي ويل ملازمن جي پٽن کي نوڪريون ڏنيون وڃن ۽ سنڌن پوئينرن جي سهائتا لاءِ فنڊ گڏ ڪيا وڃن. (ايڊيٽوريل، 24 آڪٽوبر 1984ع)

ماهوار نئون نياپو ٿوڙهي سانحي تي تفصيلي ايڊيٽوريل لکي مطالبو ڪيو ته ان سڄي واقعي جي سپريم ڪورٽ جي جج جي نگراني هيٺ چنڊڇاڻ ۽ تحقيقات ٿيڻ گهرجي ۽ ڏوهارين کي سخت سزائون ملڻ گهرجن. سنڌي شهرين ۽ شاگردن جو خون وهيو آهي، ان جو حساب ڪتاب ٿيڻ گهرجي. امن هميشه امن کي ۽ تشدد هميشه تشدد کي جنم

ڏيندو آهي. جڏهن ٻه رت وهندو آهي ته نئين شيءَ وجود ۾ ايندي آهي.
(ايڊيٽوريل، سيپٽمبر، آڪٽوبر 1984ع جو شمارو)

اهڙي طرح سنڌي ٻولي ۾ نڪرندڙ هر اخبار ۽ رسالي ان قسم جا مطالبا ڪيا ۽ فوجي حڪومت جي هن قدم جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ سنڌي قوم کي متحد ٿي ان ظلم خلاف آواز اٿارڻ جي اپيل ڪئي وئي. مٿي ڏنل اردو ۽ سنڌي پريس جي هن واقعي بابت ايڊيٽوريلن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ٻنهي جو هن سانحي بابت ڪردار الڳ الڳ ۽ متضاد رهيو. جنهن مان اردو پريس جي سنڌ دشمني کي واضح طور سمجهي سگهجي ٿو.

سنڌ ۾ احتجاج ۽ مظاهرا

ٽوڙهي سانحي کان پوءِ سڄي سنڌ اندر ڪاوڙ ۽ غم جي شديد لهر ڊوڙي وئي. سڄي سنڌ هن ناحق خلاف سراپا احتجاج بڻجي اٿي پئي. سنڌ جي مڙني شهرن ۾ شاگردن، وڪيلن، استادن، ڊاڪٽرن ۽ عام شهرين طرفان وڏي پئماني تي جلوس ۽ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. شهرين هڙتالون ڪيون ۽ روڊن تي ٽريفڪ بند رهي. سڄي سنڌ هن سانحي تي جنهن شدت سان پنهنجي غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو، ان جو مختلف اخبارن ۾ رپورٽ ٿيل مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

18 آڪٽوبر 1984ع

هن قتل عام خلاف سڄي سنڌ ۾ 18 آڪٽوبر 1984ع تي احتجاجي مظاهرا ۽ جلسا ڪيا ويا. شاگردن تعليمي ادارن ۾ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو. نواب شاهه جي مختلف ڪاليجن ۽ اسڪولن جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري جلوس ڪڍيو. شهر ۾ جلوس جي گشت دوران سنڌي شاگردن مٿان ڪجهه غير سنڌي آبادي طرفان حملا ڪيا ويا، پر سنڌي شاگردن جي قوت آڏو اهڙيون مڙئي حرڪتون نيچ ثابت ٿيون. نواب شاهه ميڊيڪل ڪاليج فار گرلز جي شاگرديائڻين پڻ هن واقعي خلاف احتجاج ڪيو ۽ جلوس ڪڍي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوليس ڪاليج جا سڀ دروازا بند ڪري انهن تي هٿياربند اهلڪار مقرر ڪري

ڇڏيا. جنهن بعد شاگرديائين ڪمپائونڊ وال اندر جلوس ڪڍيو ۽ ڪاليج جي مڙني ليبارٽرين ۾ احتجاج طور ڀڃ ڊاهه ڪئي. ٻئي طرف حيدرآباد جي 200 وڪيلن ۽ شاگردن هن قتل عام خلاف مظاهرو ڪيو ۽ شهيد ٿيل شاگردن جي غائبانه جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي. ڪراچي جي مختلف ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن هن واقعي خلاف احتجاج ڪندي ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ ان بعد جلوس ڪڍي حڪومت خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو.

19 آڪٽوبر 1984ع

ٺوڙهي ڦاٽڪ جي سانحي خلاف 19 آڪٽوبر 1984ع تي سنڌ جي 14 شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا جيئن پوءِ تيئن وڌندا رهيا. ڪراچي جي سنڌ ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري جلوس ڪڍيو ۽ حڪومت خلاف نعري بازي ڪئي. پوليس ۽ شاگردن ۾ ڇڪريون پڻ ٿيون. اين اي ڊي يونيورسٽي ۽ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن احتجاج طور امتحانن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ امتحاني پيپر ڦاڙي ٻاهر نڪري آيا. پوليس ۽ شاگردن وچ ۾ سخت ڇڪريون ٿيون. هڪ ٻئي تي پٿراءُ ڪيو ويو. سکر جي ميمڻ مسجد جي سامهون هزارين ماڻهن مظاهرو ڪيو ۽ حڪومت خلاف نعري بازي ڪئي. شهرين جي ان جلوس تي پوليس گهوڙها آٽينڊز گئس جا شيل ڇڏي جلوس کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن ڪري 2 ماڻهو زخمي ٿي پيا .

20 آڪٽوبر 1984ع

ٿوڙهي سانحي جي خلاف سنڌ ۾ تحريڪ ڏينهون ڏينهن زور وٺڻ لڳي. 20 آڪٽوبر 1984ع تي سڪرنڊ ۾ اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري شهر جي لطيف پارڪ ۾ شهيدن جي جنازي جي نماز ادا ڪئي. جنهن بعد رڪ سنڌي (هن ڪتاب جي ليکڪ) ۽ مشهور شاعر خاڪي جويو جي اڳواڻي ۾ پرامن جلوس ڪڍيو ويو. سکر شهر ۾ وڪيلن شهيد شاگردن جي غائبانہ جنازي جي نماز ادا ڪئي. جنهن بعد احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ هن قتل عام جي مذمت ڪئي وئي. پوليس جلوس ڪڍڻ جي الزام هيٺ وڪيلن خلاف ڪيس داخل ڪيو. ڪيس ۾ سکر بار ايسوسيئيشن جي صدر صديق ڪرل، سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبرن امداد علي اعوان، نظام بلوچ، رڪن الدين قاسمي سميت ٻين ڪيترن ئي وڪيلن کي نامزد ڪيو ويو.

خيرپور ۾ شاگردن ۽ عام شهرين فوجي حڪومت جي هن قدم خلاف جلوس ڪڍيو ۽ سڄي شهر ۾ گشت ڪري حڪومت خلاف نعري بازي ڪئي. جڏهن تہ خيرپور شهر ۾ مڪمل هڙتال ڪئي وئي. ڪاروبار ۽ ٽرانسپورٽ بند رکي وئي. ٻئي طرف ٻبرلوءِ ۾ شهرين حڪومت خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرو ڪندڙن پوليس پوسٽ تي حملو ڪري ان کي تباهہ ڪري ڇڏيو. پوليس مظاهرين کي ڏسندي فرار ٿي وئي. حيدرآباد ۾ وڪيلن غائبانہ جنازي جي نماز ادا ڪئي ۽ جنهن بعد احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ٻئي طرف ساڳي ڏينهن حيدرآباد ۾ شاگردن احتجاجي جلوس ڪڍيو، جنهن سول ڪورٽ وٽان ٿيندو، شهر ۾ گشت ڪيو. ساڳي طرح پبلڪ اسڪول لطيف آباد جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري شهيدن جي جنازي جي نماز ادا ڪئي. ان ڏينهن تي

حيدرآباد شهر ۾ مڪمل هڙتال ڪئي وئي. نواب شاهه جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن 20 آڪٽوبر تي ٻيهر احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ شهر ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ عام شهري به شريڪ ٿيا. شهرين حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪئي. هالا ۾ شاگردن ۽ عام شهرين مظاهرا ڪيا ۽ شهر جو ڪاروبار ۽ ٽرانسپورٽ بند ڪري هڙتال ڪئي وئي. ڪنڊيارو ۾ پڻ شاگردن ۽ عام شهرين مظاهرا ڪيا ۽ حڪومت جي هن وحشياڻي قدم جي مذمت ڪئي.

ساڳي ڏينهن 20 آڪٽوبر 1984ع تي مورو شهر ۾ به هزارين ماڻهن حڪومت خلاف هڪ وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. جنهن ۾ زندگيءَ جي هر شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي. لاڙڪاڻي ۾ شاگردن جي جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي سڄي شهر ۾ هڙتال ڪئي وئي. جڏهن ته شهر جي مکيه هنڌن تي شاگردن احتجاجي مظاهرا ڪيا. شاگردن جي اپيل تي سڄي ضلعي ۾ ٽرانسپورٽرن به هڙتال ڪئي ۽ مڙني ننڍين وڏن شهرن ڏانهن ويندڙ سواريون بند رکيون ويون. لاڙڪاڻي شهر ۾ مختلف هنڌن تي ڪريڪرن جا ڌماڪا ٿيندا رهيا، جنهن ڪري انتظاميه سخت پريشان رهي. شهر ۾ وڏي تعداد ۾ فوجي گاڏيون گشت ڪنديون رهيون. ڪراچي يونيورسٽي ۾ شاگردن طرفان احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ مختلف سياسي پارٽين جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ۽ شاگردن ۽ سنڌي عوام جي حق ۾ نعرا لڳايا ويا.

<u>21 آڪٽوبر 1984ع</u>

ٺوڙهي ڦاٽڪ جي سانحي خلاف تحريڪ ۾ 21 آڪٽوبر 1984ع تي ڊاڪٽر به شامل ٿي ويا. ڪراچي ۾ به مظاهرن جو زور وڌي رهيو هو.

شهر جي مختلف ڪاليجن، اسڪولن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن طرفان احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. جنهن ۾ وڪيلن، ڊاڪٽرن ۽ استادن بہ شرڪت ڪئي. لاڙڪاڻي شهر ۾ ٻئي ڏينهن بہ مڪمل هڙتال ڪئي وئي. شاگردن سان گڏ عام ماڻهو بہ احتجاجي مظاهرن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳا. مختلف هنڌن تي پوليس ۽ مظاهرين ۾ سخت ڇڪرڀون پڻ ٿيون. مورو شهر ۾ بہ شهيد شاگردن جي سوڳ ۾ هڙتال ڪئي وئي ۽ مختلف هنڌن تي عوام ۽ شاگردن احتجاجي مظاهرا پڻ ڪيا. نوشهرو فيروز شهر ۾ بہ شهرين ۽ شاگردن گڏيل احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ جلوس ۾ موجود ماڻهن شهر جو گشت ڪيو. جڏهن تہ شهر ۾ مڪمل هڙتال ڪئي وئي. ٽنڊو محمد خان ۾ اسڪول جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري شهيدن جي غائبانہ جنازي جي نماز ادا ڪئي. جنهن بعد شهر ۾ جلوس ڪڍيو ويو ۽ حڪومت خلاف نعرا هنيا ويا. جلوس ۾ عام شهري، هاري ۽ مزدور بہ شامل ٿيا.

<u>22 آڪٽوبر 1984ع</u>

فوجي حڪومت جي هن قدم خلاف 22 آڪٽوبر 1984ع تي پڻ سڄي سنڌ ۾ شاگردن جي قتل عام خلاف زبردست احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. سڄي سنڌ اندر احتجاج جي شديد لهر جاري رهي. فوجي حڪومت ۽ ڌارين جي آبادڪارن خلاف عوام زبردست نفرت جو اظهار ڪيو. حڪومت احتجاج جو سلسلو وڌندي ڏسي حيدرآباد ريجن جا سيئي ڪاليج ۽ اسڪول 25 آڪٽوبر تائين بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح 17 آڪٽوبر کان 22 آڪٽوبر 1984ع تائين سنڌ جي تعليمي

ادارن جي هاسٽلن جي فوج جي نگراني ۾ تلاشي جاري رکي وئي. شاگردن جي غير موجودگيءَ ۾ هاسٽلن مان قيمتي سامان لٽيو ويو.

تحريڪ ۾ شدت اچڻ ڪري ڪراچي يونيورسٽي ۽ اين اي ڊي يونيورسٽي جي مختلف شعبن جا امتحان بہ ملتوي ڪيا ويا، جيڪي 23 آڪٽوبر کان منعقد ٿيڻا هئا. حيدرآباد ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج (ايل ايم سي) اسپتال جي ڊاڪٽرن ۽ شاگردن شهيد ٿي ويل شاگردن جي جنازي جي نماز ادا ڪئي. ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد جي وڪيلن عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ احتجاجي جلسو ڪري شهيد ٿي ويل شاگردن لاءِ دعائون گهريون ويون. لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن احتجاجي مظاهرو ڪيو، جنهن سڄي شهر ۾ گشت ڪيو. جلوس ۾ 50 وڪيلن کان سواءِ وڏي انگ ۾ شاگردن ۽ پورهيتن شرڪت ڪئي. ان ڏينهن تي لاڙڪاڻي شهر ۾ مڪمل هڙتال رهي. پوليس لاڙڪاڻي جي باقراڻي روڊ تي هنگاما ڪرڻ جي الزام هيٺ سٽي پوليس ٿاڻي تي وڪيلن سميت 60 ماڻهن خلاف مظاهرو ڪرڻ ۽ پيچ ڊاهڻ جو ڪيس داخل ڪيو. ڪيس ۾ پوليس جسپال، احمد علي شيخ، علي احمد، عبدالطيف، رياض احمد، غلام رسول، علي بخش، خادم حسين، راشد حسين، امداد علي، هريچند، عبدالستار شيخ ۽ علي گوهر شيخ کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن تہ ٻين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا ويا. ان ڏينهن تي دادو جي اينٽي ڪرپشن آفيس اڳيان ديسي ساخت جي بم جو ڌماڪو ٿيو. جنهن سبب آس پاس خوف پکڙجي ويو. شهر ۾ مختلف هنڌن تي احتجاجي جلوس ڪڍيا ويا. خيرپور ۾ وڪيلن علامتي بک هڙتال ڪئي ۽ عدالتي ڪارروايئن جو بائيڪاٽ ڪيو. شهر ۾ مختلف

هنڌن تي شاگردن ۽ عام شهرين احتجاجي مظاهرا ڪيا. خيرپور ناٿن شاهه ۾ شهرين ۽ شاگردن گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ حڪومت خلاف نعري بازي ڪئي. جڏهن ته شهرين شاگردن جي قتل عام تي هڙتال ڪري ڪاروبار بند رکيو. راڌڻپور ۾ شاگردن طرفان احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ بعد ۾ وڏي انگ ۾ شهري شريڪ ٿي ويا. جلوس ۾ شامل ماڻهن حڪومت خلاف زبردست نعربازي ڪئي. شهرين پنهنجو ڪاروبار بند رکي هڙتال ڪئي. هنگورجا ۾ شاگردن ۽ پورهيتن گڏيل احتجاجي مظاهرو ڪيو. جنهن ۾ دڪاندار به ڪاروبار بند ڪري شريڪ ٿيا. جڏهن ته هڙتال سبب ٽرانسپورٽ به بند رهي.

23 آڪٽوبر 1984ع

هن خوني سانحي خلاف 23 آڪٽوبر 1984ع تي سڄي سنڌ جي 12 شهرن ۾ هڙتال ڪئي وئي ۽ لڳ ڀڳ 25 شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. ڪراچي جي سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ۽ اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ شاگردن احتجاجي مظاهرا ڪيا. جن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ پوليس 2 ڪلاڪن تائين شاگردن مٿان ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي شيلنگ ڪئي. سنڌ ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد ڪاليج جي ڇت تان 2 ڪلاڪن تائين پوليس مٿان پٿر بازي ڪندا رهيا. ان دوارن پوليس جي ڳوڙها گئس جا ڪجهه شيل اسپتال جي وارڊن ۾ وڃي ڪريا، جنهن سبب مريضن ۽ خاص ڪري عورتن جي وارڊ ۾ ڀڄڊوڙ پئجي وئي. ان دوران رستي تي ٽريفڪ بند رهي. بعد ۾ پوليس 4 شاگرد گرفتار ڪري ورتا. جن ۾ 2 سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ۽ 2 دائود انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد شامل هئا. اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ به پوليس پٿراءُ ڪندڙ شاگردن مٿان ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي

شيلنگ ڪئي. احتجاج دوران ڪجهه شاگرد روڊ تي نڪري آيا، جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي. پوليس يونيورسٽي جي هڪ درجن شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو.

ميرپور خاص ۾ هزارين شاگردن ۽ عام شهرين سيشن ڪورٽ جي اڳيان ٽي گڏ ٿي شهيد شاگردن جي غائبانه جنازي جي نماز ادا ڪئي. جنهن بعد احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو. مظاهرين سرڪاري آفيسن تي حملا ڪيا، جنهن سبب حبيب بئنڪ کي ڪافي نقصان رسيو. سڄي شهر ۾ ڪاروبار بند رهيو ۽ ٽريفڪ به معطل رهي. پوليس 7 شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو. دادو ۾ پوليس 3 ڄڻن کي ڀتين تي نعرا لکڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪري ورتو. شهر جي مکيه سرڪاري آفيسن آڏو فوج جو پهرو بيهاريو ويو. شهر ۾ ٻئي ڏينهن به 5 هنڌن تي ديسي بمن جا ڌماڪا ڪيا ويا. هڪ ڌماڪو صبح جو 10 وڳي ڌاري ريلوي روڊ تي پوليس ٿاڻي جي سامهون ڪيو ويو. رات جو ڪجهه ماڻهن سرڪاري بسن کي نقصان رسايو. پوليس ان الزام هيٺ 8 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪري 2 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو.

حيدرآباد ۾ انڊس گئس ايمپلائيز يونين جي اسٽاف طرفان شهيد ٿي ويل شاگردن جي غائبانه جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي. جڏهن ته حيدرآباد شهر ۾ مختلف هنڌن تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. پوليس 6 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو. لاڙڪاڻي ۾ شاگردياڻين طرفان جلوس ڪڍيو ويو، جلوس شهر ۾ گشت ڪيو ۽ فوجي حڪومت خلاف نعري بازي ڪئي. شهرين احتجاج طور شهر جو ڪاروبار بند رکيو. ان کان سواءِ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پڻ جلوس ڪڍيا ويا ۽ شهرين احتجاجن هڙتال

ڪري ڪاروبار بند رکيو. انهن شهرن ۾ پيان سيد آباد، شهدادڪوٽ، قمبر، وارهه، رتوديرو، سن، ڏوڪري، ماتلي، سڪندرآباد، بکر جمالي، مورو، خيرپور، جوهي، راڌڻپور، خيرپور ناٿن شاهه، ڪنب، پڊعيدن، رسول آباد، ڊرب ميهر شاهه، سڪرنڊ، هنگورجا، سوڀوديرو، ٺري ميرواهه، ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو ڄام شامل آهن.

24 آڪٽوبر 1984ع

سنڌ ۾ توڙهي ڦاٽڪ واري سانحي خلاف تحريڪ جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهي. سنڌ جي صورتحال تي ويچار ڪرڻ لاءِ اسلام آباد ۾ اعليٰ سطحي اجلاس گهرايو ويو. جنهن ۾ شاگردن جي هلچل کي منهن ڏيڻ لاءِ ويچار ڪيو ويو. سنڌ يونيورسٽي انتظاميه طرفان تحريڪ جي شدت کي نظر ۾ رکندي فرسٽ پروفيشنل ايم بي بي ايس جو ساليانو امتحان جيڪو 5 نومبر کان شروع ٿيڻو هو، ان کي 26 نومبر تائين ملتوي ڪيو ويو. ضلي ڪائونسل حيدرآباد طرفان 25 آڪٽوبر تي منعقد ٿيندڙ تقريري مقابلو به ملتوي ڪيو ويو.

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جساف) جي سڏ تي 24 آڪٽوبر 1984ع تي ڪارو ڏينهن ملهائڻ جي اپيل ڪئي وئي هئي. جنهن جي جواب ۾ سڄي سنڌ جي تعليمي ادارن، ڪاروباري ادارن، دڪانن ۽ گهرن مٿان ڪارا جهنڊا ڦڙڪايا ويا. ماڻهن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي شهيدن جي غائبانه جنازي جون نمازون ادا ڪيون. 24 آڪٽوبر تي سنڌ جي تقريبن 25 شهرن ۾ مڪمل شٽربند هڙتال ڪئي وئي. مختلف شهرن ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ به بند رهي. سکر ۾ شاگردن ۽ عام شهرين طرفان ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي

تعليمي ادارن تي ڪارا جهنڊا ڦڙڪايا ويا. شهر ۾ احتجاجي جلوس پڻ ڪڍيا ويا. ميهڙ ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. احتجاج دوران پوليس 3 نوجوانن هرهڪ محمد علي سومرو، سميع الله ڪلهوڙو ۽ نواب لغاري کي گرفتار ڪري ورتو. سن شهر ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. عام شهرين ۽ شاگردن سائين جي ايم سيد جي اڳواڻي ۾ جلوس ڪڍيو ۽ بعد ۾ شهيدن جي غائبانہ جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي. احتجاج دوران پوليس 3 ڪارڪنن هرهڪ فخرالدين ميمڻ، غلام محمد، محمد نواز جوڻي کي گرفتار ڪري ورتو. ساڳي طرح ٺٽي ۾ شهيدن جي غائبانہ جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي، شهرين گهرن تي ڪارا جهنڊا چاڙهي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون. شهرين احتجاجي جلوس بہ ڪڍيو. احتجاج دوران پوليس استادن عبدالرحمان گهراڻي، محمد اسماعيل ميمڻ ۽ ڪاليج جي هڪ ليڪچرار کي گرفتار ڪري ورتو.

راڌڻ ۾ جساف جي اپيل تي ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. احتجاج دوران پوليس 2 شاگردن ۽ 8 عام شهرين کي گرفتار ڪري ورتو. خيرپور ناٿن شاهہ ۾ پڻ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. شهرين حڪومت خلاف احتجاجي جلوس ڪڍيو. جنهن ۾ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. حيدرآباد شهر ۾ بہ جساف جي سڏ تي ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. شاگردن ۽ شهرين طرفان شهر جي مختلف هنڌن تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. سرڪاري ۽ خانگي جڳهين تي ڪارا جهنڊا ڦڙڪايا ويا. جڏهن تہ شهر ۾ جزوي طور هڙتال رهي.

ڪراچي جي اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ شاگردن احتجاجي مظاهرو ڪيو. جنهن دوران پوليس ۽ شاگردن ۾ چڪريون ٿيون. پوليس شاگردن

کي يونيورسٽي جي احاطي مان نڪرڻ کان روڪڻ لاءِ مٿن ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي شيلنگ ڪئي. ڇڪتاڻ سبب رستي تي ٽريفڪ بند ٿي وئي. ڪراچي يونيورسٽي جي شاگردن بہ جساف جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ يونيورسٽي اندر ڪارا جھنڊا ڦڙڪايا ويا. سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڻ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جتان پوليس 4 شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن تہ شاگردن کي هاسٽل خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. لاڙڪاڻي ۾ جساف جي سڏ تي شهر ۾ هڙتال ڪئي وئي. جنهن سبب ڪاروبار سميت ٽريفڪ بہ بند رهي. مختلف هنڌن تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. شاگردياڻين پڻ احتجاجي جلوس ڪڍيو.

ان کان سواءِ سنڌ جي هيٺين شهرن ۾ پڻ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. شاگردن ۽ شهرين احتجاجي مظاهرا ڪيا ۽ شهيد شاگردن جي غائبانہ جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي. ڪيترن ئي شهرن ۾ هڙتال سبب ڪاروبار ۽ ٽرانسپورٽ بند رهي. انهن شهرن ۾ ڪنب، راڻيپور، کهڙا، گمبٽ، نئون چتوچند، شهدادڪوٽ، قمبر، وارهہ، ڏوڪري، ڪنڊيارو، پڊعيدن، ڀان سيد آباد، ماتلي ۽ جوهي شامل آهن. جساف طرفان دعويٰ ڪئي وئي تہ سندن اپيل تي ملهايل ڪارو ڏينهن انتهائي ڪامياب رهيو. سڄي سنڌ جي شاگرد برادري، پورهيت عوام ۽ قوم پرست ڌرين سندن ڀرپور ساٿ ڏنو.

<u>25 آڪٽوبر 1984ع</u>

ٿوڙهي سانحي خلاف 25 آڪٽوبر 1984ع تي سڄي سنڌ جي گهٽ ۾ گهٽ 20 شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. جن ۾ ٽنڊو جان محمد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو ڄام، ٽنڊو آدم، سڪرنڊ، سکر، نواب شاهہ، خيرپور، ڀريالوءِ سميت ڳادي وارو شهر ڪراچي شامل هئا. ڪراچي جي اين

اي ڊي يونيورسٽي ۾ احتجاجي جلسو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ 80 سياستدانن ۽ هزارين شاگردن شرڪت ڪئي.

فوجي حڪومت جي ان قدم خلاف 26 آڪٽوبر 1984ع تي ٻه سنڌ جي تقريبن 10 شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. شهرين هڙتال ڪري ڪاروبار بند رکيو. ٽرانسپورٽرن پڻ احتجاجن سواريون بند رکيون. انهن شهرن ۾ سکر، مورو، دادو، حيدرآباد، بدين، ٽري ميرواهه. ٺٽو ۽ ٻيا شهر شامل هيا.

شهيدن جو چاليهو

ٺوڙهي ڦاٽڪ جي شهيد شاگردن جو چاليهو 27 نومبر 1984ع تي سڄي سنڌ ۾ نهايت جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. ان ڏينهن تي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ۽ شهرن ۾ هڙتال ڪري ڪاروبار بند رکيو ويو. چاليهي واري ڏهاڙي تي پوليس ڪيترن ئي شهرن ۾ شاگردن جون وڏي پئماني تي گرفتاريون ڪيون. ڪنڊيارو ۾ شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي شهر ۾ هڙتال ڪري احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو. ٽرانسپورٽرن ڦيٿا روڪ هڙتال ڪئي، پوليس جساف سنڌ يونيورسٽي يونٽ جي نائب صدر عزيز ڏاهري، ايل ايم سي يونٽ جي عبدالرحيم سولنگي، زرعي يونيورسٽي يونٽ جي عبدالرحيم، الطاف شيخ، مشتاق چنڙ ۽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو جي شاگردن اختيار ٽونيو، ربن گهانگهري ۽ مختيار گهانگهري کي گرفتار ڪري ورتو. جن کي بعد ۾ نواب شاهه جي فوجي عدالت هڪ هڪ سال قيد جون سزائون ڏنيون. جن کي بعد ۾ 3 مهينن کان پوءِ آزاد ڪيو ويو.

هنگورجا ۾ شهيدن جو چاليهو ملهايو ويو. شهر ۾ احتجاجي جلوس ڪڍڻ بعد جلسو منعقد ڪيو ويو. پوليس ان الزام هيٺ جساف مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج نواب شاهه جي شاگردن جبار شيخ، زرعي يونيورسٽي جي ايوب سولنگي، ۽ هنگورجا هاءِ اسڪول جي سني شيخ سميت 3 شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو. فوجي عدالت گرفتار شاگردن سني شيخ ۽ ايوب سولنگي کي احتجاج ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي خيرپور جيل موڪلي ڇڏيو. جتي کين 6 مهينا باندي رکيو ويو. خيرپور ميرس ۾ سپاف جي ڪارڪنن فقير اقبال هيسباڻي ۽ سريش ڪمار کي هن سانحي خلاف احتجاج ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هڪ هڪ سال قيد بامشقت ۽ 10، 10 ڪوڙن هڻڻ جي سزا ٻڌائي وئي. جڏهن ته جميعت علماءِ اسلام سنڌ جي اڳواڻن محمد اسماعيل ميمڻ، غلام سرور ميمڻ ۽ رياض احمد تي هن سانحي خلاف احتجاج ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا. خيرپور پوليس عيد الفطر جي ڏهاڙي تي ان وقت جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه جي اباڻي ڳوٺ ڪاري موري ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج لاءِ ويندڙ 18 شاگردن کي پڻ گرفتار ڪري ورتو. گرفتار شاگرد وڏي وزير سيد غوث علي شاهه آڏو ٽوڙهي ڦاٽڪ ڪيس ۾ شهيد شاگردن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ۽ گرفتار شاگردن جي آزادي لاءِ احتجاج جي ارادي سان وڃي رهيا هئا ته پوليس کين اتي پهچڻ کان اڳ ئي ڪنيپي جيل موڪلي ڇڏيو.

لاڙڪاڻي ۾ ٽوڙهي سانحي جي احتجاج دوران هڪ فوجي اهلڪار تي تشدد ڪرڻ جي الزام هيٺ پوليس طرفان 8 شاگردن متان ڪيس داخل ڪيو ويو. جن کي فوجي عدالت طرفان سندن غير موجودگيءَ ۾ 14، 14 سال ٽيپ جي سزا ٻڌائي وئي. بعد ۾ سزا ٻڌايل 8 شاگردن مان

4 ڄڻن هرهڪ اقبال مهيسر، اطهر سومرو، نذير سومرو ۽ اصغر شاهہ کي گرفتار ڪيو ويو. ٽوڙهي سانحي خلاف 5 سيپٽمبر 1985ع تي جساف ۽ ٻين شاگرد تنظيمن طرفان سپر هاءِ وي ٽول پلازهہ وٽ وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جتان پوليس 28 شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو. جن مان 8 شاگرد اڳواڻن قادر مگسي، ذوالفقار منگي، نذير منگي، روشن ٻرڙو، جهانگير راهوجو، فتاح سميجو ۽ ٻن ٻين شاگردن تي ڪيس داخل ڪيا ويا.

شهيد شاگردن جي پهرين ورسي

17 آڪٽوبر 1985ع تي ٽوڙهي ڦاٽڪ سانحي ۾ شهيد ٿي ويل شاگردن جي پهرين ورسي ۽ قيد ڪيل شاگردن تي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائڻ خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. ڪراچي ۾ جساف جي اپيل تي مختلف تعليمي ادارن جي هزارين شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري سنڌ اسيمبلي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. شاگرد سنڌ حڪومت ۽ اسيمبلي جي ميمبرن ڪان مطالبو ڪري رهيا هئا تہ ٽوڙهي ڦاٽڪ ڪيس ۾ گرفتار ٿيل شاگرد آزاد ڪيا وڃن. سندن ڪيس فوجي عدالت مان سول عدالت ۾ منتقل ڪيا وڃن. احتجاجي مظاهري ۾ شاگردن جي هٿن تي ڪاربون پٽيون ٻڌل هيون ۽ سندن هٿن ۾ ڪارا جهنڊا ڪنيل هئا. شاگردن سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ ميمبرن کي پنهنجي مطالبن تي ٻڌل پمفليٽ ڏنا ۽ ڪانئن گهر ڪئي تہ هو سندن مطالبن تي ايوان ۾ آواز بلند ڪن. هي احتجاجي ڌرڻو سنڌ اسيمبلي اجلاس جي اختتام تائين جاري رهيو.

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ 9 ميمبرن هرهڪ لياقت جتوئي، غني درس، ڪوڙل شاهه، سيد محمد شاهه، سردار مقيم ڪوسي، سليم جان مزاري، سردار امتياز قلپوٽي ۽ قاضي شفيق گڏيل تحريڪ التوئ پيش ڪئي. جنهن ۾ چيو ويو ته ٽوڙهي ڦاٽڪ وارو سانحو هڪ افسوسناڪ واقعو آهي، جنهن ۾ سنڌي شاگردن سان ظلم ٿيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته اهو ڪيس فوجي عدالت بدران سول عدالت ۾ هلايو وڃي. بعد ۾ ايوان ۾ شهيد ٿيل شاگردن لاءِ قل پڙهيا ويا ۽ فاتح خواني ڪئي وئي. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن کي خاطري ڪرائي ته ڪيس سول عدالت ۾ هلايو ويندو ۽ فوجي عدالت ختم ڪئي ويندي.

ٽوڙهي سانحي جي پهرين ورسي جي موقعي تي حيدرآباد ۾ ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ جي وڪيلن عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو. جنهن ۾ عام شهري ۽ شاگرد به شريڪ ٿيا، ٻئي طرف شاگردن طرفان حيدرآباد شهر جي مختلف علائقن ٽنڊي سڙڪ، ڪاري موري، لائيبر چئنل ۽ ٻين هنڌن تي احتجاجي مظاهرا ڪري ٽائر ساڙيا ويا. جنهن سبب ٽريفڪ بند ٿي وئي. جڏهن ته نور محمد هاءِ اسڪول مان هڪ جلوس ڪڍيو ويو، جنهن کي پوليس هيرآباد ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو. ڪاري موري مان پوليس هڪ شاگرد نذير ميمڻ ۽ ٻين مختلف هنڌن تان به ڪافي شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو.

هالا ۾ جساف جي سڏ تي ڪاروبار بند رهيو، جڏهن ته شاگردن ۽ شهرين گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪيو. جتان پوليس حسين بخش ڪوسي کي گرفتار ڪري ورتو. جنهن بعد هالا ڪاليج ۽ اسڪول جي

شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري قومي شاهراهه کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جتان پوليس سيد نبن شاهه، رفيق زمان ڀجورو ۽ ميوو ڪوسو سميت 6 شاگرد گرفتار ڪري ورتا.

خيرپور ۾ جساف جي اپيل تي شهر ۾ هڙتال رهي ۽ مختلف هنڌن تي ديسي بمن جا ڌماڪا ڪيا ويا. خيرپور ضلعي اندر پوليس ڪاري ڏينهن جي اپيل تي سخت حفاظتي انتظام ڪيا هئا. سنڌ يونيورسٽي شاهه لطيف ڪئمپس خيرپور ۾ شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي جلوس ڪڍيو. جتان پوليس هڪ شاگرد فدا حسين کي گرفتار ڪري ورتو.

سکر ۾ جساف جي سڏ تي ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. شهر ۾ مختلف هنڌن تي ديسي بمن جا ڌماڪا ٿيندا رهيا. هڙتال سبب شهر ۾ ڪاروبار بند رهيو. شهر ۾ سڄو ڏينهن ڇڪتاڻ واري صورتحال جاري رهي. ٽريفڪ جو نظام به متاثر رهيو. سن ۾ محترم جي ايم سيد ٿوڙهي ڦاٽڪ جي سانحي جي ياد ۾ ڪارو ڏينهن ملهائڻ جي موقعي تي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ۽ گهر مٿان ڪارو جهنڊو ڦڙڪايو. شهر ۾ مڪمل هڙتال رهي. ڪاروبار سميت ٽريفڪ به بند رهي. شاگردن ۽ عام شهرين طرفان احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو. دادو ۾ جساف جي اپيل تي شاگردن ۽ شاگرديائڻين ڪاليج ۾ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ ڪاريون پٽيون ٻڌي تعليمي ادارن ۽ گهرن تي ڪارا جهنڊا ڦڙڪايا ويا. شاگردن طرفان شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. پوليس انور چانڊئي سميت ڪيترائي شاگرد گرفتار ڪري ورتا. شهر ۾ مختلف هنڌن تي ڪريڪرن جا ڌماڪا ڪيا ويا. شهر ۾ ڪاروبار ۽ ٽرانسپورٽ مڪمل بند رهي.

لاڙڪاڻي ۾ جساف جي اپيل تي مڪمل هڙتال ڪئي وئي، ٽرانسپورٽ پڻ مڪمل بند رهي. جساف گرلز يونٽ جي شاگرداڻين طرفان احتجاجي جلسو ڪيو ويو. ان موقعي تي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي قرآن خواني ڪئي وئي ۽ شهيدن لاءِ خيرات جي ماني پڻ ڪئي وئي. چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۽ ڊگري ڪاليج جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري تعليمي ادارن جي عمارتن تي ڪارا جهنڊا ڦڙڪايا ويا. ان کان سواءِ وڪيلن طرفان عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو. جڏهن تہ چانڊڪا اسپتال جي ڊاڪٽرن بہ احتجاج طور ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون. شهر جي مختلف هنڌن تي ديسي بمن جا ڌماڪا ڪيا ويا. جنهن سبب 7 شهري زخمي ٿي پيا. ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي جي شاگردن احتجاجي جلوس ڪڍي ريلوي پٽڙي تي ڌرڻو هنيو. جنهن سبب ريلوي ٽريفڪ معطل ٿي وئي. شاگردن لاڙڪاڻي کان جيڪب آباد ويندڙ ٽرين کي زبردستي بيهاري عملي کي ريل گاڏي واپس ڪاهي وڃڻ تي مجبور ڪيو. جنهن بعد پوليس ريلوي ٽريڪ تان ڌرڻو ختم ڪرائڻ لاءِ شاگردن مٿان فائرنگ ڪري ڏني. جنهن ۾ 2 شاگرد 21 سالن جو دين محمد ڪانڌڙو ۽ 18 سالن جو امير علي شاهہ زخمي ٿي پيا. (جن مان امير علي شاهہ 25 آڪٽوبر 1985ع تي زخمن جا تاب نہ سهندي شهيد ٿي ويو. سندس جسم ۾ 5 گوليون لڳيون هيون.) پوليس جي فائرنگ بعد مچريل شاگردن ٽرين مٿان پٿراءُ ڪري ڏنو ۽ ٽرين جي ٽڪيٽ چيڪر کي اغوا ڪري ورتو. جنهن کي پوليس 2 ڪلاڪن بعد بازياب ڪرائي ورتو.

ڪنديارو ۾ جساف جي سڏ تي ڪاليج ۽ اسڪول جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو. شهر ۾ هڙتال سبب ڪاروبار مڪمل بند رهيو. ٽرانسپورٽ بہ جزوي طور بند رهي. شهرين ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ۽ گهرن تي ڪارا جهنڊا ڦڙڪائي احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ان ڪان سواءِ مختلف شهرن ۾ ڪارو ڏينهن ملهائي ڪاروبار بند رکيو ويو ۽ احتجاجي مظاهرا پڻ ڪيا ويا. انهن شهرن ۾ ٽنڊو آدم، هنگورجا، سيتا روڊ، پچاري ڳوٺ، ٺرڙي محبت، راڌڻ، ميهڙ، نوشهرو فيروز، گمبٽ، جهوڪ شريف، بدين، مورو ۽ نواب شاهہ شامل آهن.

شهيد شاگردن جي سوانح

شهيد عبدالمالڪ خشڪ

شهيد عبدالمالڪ خشڪ جو جنم 20 جون 1964ع تي محمد عيسىٰ خشڪ جي گهر ۾ ٿيو. پاڻ ڳوٺ درويش تعلقي گهوڙاٻاري ضلعي



ٺٽي جو رهواسي هيو. پاڻ پرائمري کان انٽر سائنس تائين تعليم ٺٽي ۾ حاصل ڪئي، بعد ۾ انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مهراڻ يونورسٽي آف انجنيئرنگ ڄامشورو ۾ داخلا ورتي. شهيد عبدالمالڪ خشڪ اڃا انجنيئرنگ جي ٻئي سال جو شاگرد هيو جو پاڻ 20 سالن جي ڀرپور جواني ۾ ٿوڙهي ڦاٽڪ جي پٿريلي ميدان تي پنهنجن ٻين ساٿين سميت 17 آڪٽوبر 1984ع تي شهيد ڪيو ويو.

شهيد عبدالمالڪ خشڪ جيئن ته هڪ قومپرست خاندان ۾ جنم ورتو. ان ڪري پاڻ ننڍي هوندي کان ئي قومي ڪمن ۾ بهرو وٺڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي ڀين قومپرست ڀائرن جي نقش قدم تي هلندي نصابي تعليم سان گڏ نظرياتي ۽ فڪري تعليم به حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. سندس ننڍي هوندي جي سياسي شعور ۽ ذهني پختگي جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته جنهن وقت پاڻ اجا 4 جماعت جو شاگرد هيو ته اسڪول ۾ ملهائجندڙ 4 مارچ جي ڏينهن تي ٿيندڙ احتجاجي جلسي ۾ نه صرف وڌي چڙهي حصو ورتو پر ان جلسي ۾ تقرير پڻ ڪيائين. ان ننڍي عمر ۾ به هو پنهنجي اسڪول جي ڀين شاگرد ساٿين ۾ قومي جذبو جاڳائڻ لاءِ ڪم ڪندو رهيو.

شهيد مالڪ خشڪ جڏهن نائين درجي ۾ پڙهندڙ هيو ته انهن ڏينهن ۾ 2 آڪٽوبر 1978ع تي نواب شاهه ۾ هڪ سنڌي نياڻي شيرين سومرو تي هڪ فوجي آفيسر طرفان مجرماڻو حملو ڪيو ويو. جنهن جي خلاف سڄي سنڌ ۾ احتجاج شروع ٿي ويو. پاڻ به ان جدوجهد کان پاسيرو رهي نه سگهيو. هن پڻ ان واقعي خلاف ڳوٺ جي هاءِ اسڪول ۾ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرايو ۽ هڪ وڏو احتجاجي مظاهرو به ڪرايو. جنهن تي فوجي حڪومت مٿس سخت ناراض ٿي پئي ۽ شهيد مالڪ خشڪ ۽ سندس ڀين شاگرد ساٿين کي حق ۽ سچ جي راهه تان هٽائڻ لاءِ مٿن بس کي اغوا ڪرڻ جو ڪيس مڙهيو ويو. ان سان گڏ ڪيس اسڪول مان ٽن سالن لاءِ رسٽيڪيٽ به ڪيو ويو. مٿن ڳوٺ جي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائي 9، 9 مهينا قيد جي سزا ڏني وئي. فوجي عدالت طرفان سزا ملڻ وقت شهيد مالڪ خشڪ جي عمر صرف 14 سال هئي. پاڻ ننڍي

عمر ۾ پوليس تشدد برداشت ڪندو، ننڍي جي ضلعي جيل کان سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ آٽي بند ڪيو ويو. جتي ڪيس بند وارڊ ڪيو ويو. حيدرآباد سينٽرل جيل مان ڪيس ڪراچي جي لانڍي جيل ۾ آٽي قيد ڪيو ويو. فوجي عدالت جي هن فيصلي خلاف شهيد مالڪ خشڪ جي والدين سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي. جنهن بعد سنڌ هاءِ ڪورٽ نہ صرف ڪيس 6 مهينن بعد آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو، پر سندس رسٽيڪيشن آرڊر بہ واپس ورتا ويا.

شهيد مالڪ خشڪ جڏهن ميٽرڪ ۾ پهتو تہ هن باقاعدي سنڌ جي قومي سياست ۾ بهرو وٺڻ لاءِ سنڌي شاگردن جي قومپرست تنظيم جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شموليت اختيار ڪئي. ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ننڍي جي ڪاليج ۾ انٽر پري انجنيئرنگ ۾ داخلا ورتي. ان دوران بہ سندس قومي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري رهي. ان جدوجهد دوران ڪاليج واري عرصي ۾ پاڻ 2 پيرا جيل موڪليو ويو. ننڍي ڪاليج مان انٽرميڊيئيٽ ڪرڻ بعد هن ڄامشورو ۾ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ داخلا حاصل ڪئي. جيڪا ان وقت قوم پرست شاگردن جي جدوجهد جو مرڪز هئي. جتي هن قومي تحريڪ ۾ وڌي چڙهي بهرو وٺڻ شروع ڪيو. هن سنڌ جي حقن لاءِ ٻين شاگرد ساٿين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان ئي عرصي ۾ پاڻ نظرياتي ۽ فڪري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مطالعو پڻ شروع ڪيو. جنهن منجهس وڌيڪ ذهني پختگي پيدا ڪئي ۽ سندس سياسي شعور ۾ واڌ آندي. پاڻ ان دور ۾ پنهنجي تنظيم سان انتهائي سچو ۽ مخلص رهيو ۽ قومي فڪر کي سنڌي عوام تائين پهچائڻ لاءِ سخت محنت ۽ مشقت ڪندو رهيو. ان

جدوجهد دوران ڪيس ڪيتريون ئي تڪليفون آڏو آيون، پر پاڻ ثابت قدمي سان انهن سان منهن مقابل ٿي پنهنجي جدوجهد جاري رکي. جڏهن به سنڌي قوم ۽ قومپرست سنڌي شاگردن تي ڏکيا ڏينهن آيا ته هن انهن کي وڏي بهادري ۽ جرئت سان منهن ڏنو ۽ سنڌ دشمن قوتن ۽ حڪمرانن سان سخت چوٽون کاڌيون.

جڏهن 26 مئي 1983ع تي پوليس مهراڻ يونيورسٽي جي شاهه لطيف هاسٽل تي چڙهائي ڪئي ته ان دوران فائرنگ ۾ هڪ شاگرد احسان ميمڻ شهيد ٿي ويو ته پوليس جي ان عمل خلاف جدوجهد ۾ شهيد مالڪ خشڪ پنهنجي ٻين ساٿين سان شريڪ رهيو. جڏهن جساف طرفان 26 مئي 1984ع تي سنڌ يونيورسٽي ۾ شهيد احسان ميمڻ جي پهرين ورسي ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو ته حڪومت ان کي روڪرائڻ لاءِ سڄي يونيورسٽي جو پوليس ذريعي گهيراءُ ڪري ورتو. پوليس جساف جي شاگردن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته شهيد مالڪ خشڪ پنهنجن ٻين ساٿين کي پوليس گهيراءُ مان ڪاميابي سان بچائي محفوظ هنڌ تي پهچايو. جنهن سبب حڪومت جو شاگرد قيادت کي گرفتار ڪرڻ جو منصوبو بري طرح ناڪام ٿي ويو.

جڏهن سنڌ دشمن قوتن سنڌي شاگردن جي حق پرست آواز کي دٻائڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ پنهنجي پاڙيتو تنظيمن طرفان مسلح حملا ڪرائڻ شروع ڪيا ته هن پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ انهن کي ناڪام ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو. 14 آگسٽ 1984ع تي جڏهن سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۾ سنڌ دشمن شاگرد تنظيم جي غندن سنڌي شاگردن تي هٿيارن سان حملو ڪيو ته ان وقت شهيد عبدالمالڪ خشڪ سنڌي

شاگردن کي غندن کان بچائڻ ۾ پنھنجي ٻين ساٿين سان پھرين صف ۾ شامل ھيو. اڪين ڏٺن شاھدن مطابق سنڌي شاگردن کي غندن کان تحفظ ڏيڻ وارين ڪوششن ۾ ھن وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان ئي ڏوھ ھيٺ پوليس سنڌي شاگردن تي حملو ڪندڙ غندن بدران شھيد مالڪ خشڪ سميت ٻين شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو. جن کي بعد ۾ آزاد ڪيو ويو. شھيد مالڪ خشڪ پنھنجي شھادت کان 2 ڏينھن اڳ شاگردن جي ھڪ گڏجاڻي کي خطاب ڪندي چيو ھو تہ "سنڌي قوم جو مستقبل بندوق جي ناليءَ ۾ آھي. اسان کي اڳتي وڌڻو آھي. بندوق جو ٽريگر دٻائي پنھنجو مستقبل ماڻڻو آھي. چاڪاڻ جو بندوق سان ئي ظلم ختم ڪري امن قائم ڪري سگھبو آھي." پاڻ اھا تقرير جساف طرفان مھراڻ يونيورسٽي ڄامشوري جي شاھ لطيف ھاسٽل ۾ 15 آڪٽوبر 1984ع تي ڪوٺايل ھڪ جلسي ۾ ڪئي ھئي. جيڪا تقرير سندس آخري تقرير ثابت ٿي. جنھن جا پڙاڏا تيستائين سنڌ جي فضائن ۾ گونجندا رھندا، جيستائين سنڌ ۽ سنڌي سلامت آھن.

شهيد انور عباسي

شهيد انور علي عباسي 12 آگسٽ 1962ع تي ڳوٺ پڪو،



تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ علي محمد عباسي جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ پرائمري اسڪول ۾ پنهنجي هوشياري ۽ اورچائي سبب 5 سالن جو ڪورس ٽن سالن ۾ پورو ڪري 1972ع ۾ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هاءِ اسڪول وڳڻ ۾ داخل ٿيو. جتان پاڻ 1977ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ داخلا ورتي. هن ڊگري ڪاليج مان انٽرميڊيٽ جو امتحان پري انجنيئرنگ گروپ ۾ 1979ع ۾ پاس ڪري اعلیٰ تعليم لاءِ 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا حاصل ڪئي. جتي اجا تعليم

حاصل ڪري رهيو هو تہ 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٽوڙهي ڦاٽڪ وٽ پنهنجن ٻين ساٿين سميت فوجي اهلڪارن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويو.

شهيد انور عباسي کي ننڍي هوندي کان ئي وٺي سنڌ جي سياست ۾ دلچسپي هوندي هئي. ان سان گڏ کيس ادب سان بہ چاهہ هيو. شروع کان ڪچيون ڦڪيون تحريرون لکڻ شروع ڪيائين. جن اڳتي هلي کيس سٺو ليکڪ بڻائي ڇڏيو. پر بي رحم موت سندس ان ذهني اوسر کي پنهنجي چنبي ۾ آڻي هميشہ لاءِ مات ڪري ڇڏيو.

شهيد انور عباسي پنهنجي شهادت کان اڳ "ڳوٺ وڳڻ جي تاريخ" تي ٿيسز لکي، سنڌ يونيورسٽي ۾ جمع ڪرائي. پاڻ سٺو ڪالم نگار پڻ هيو. هن ماهوار رسالي "سنڌو" ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيا. اپريل 1983ع ۾ کيس جيئي سنڌ تحريڪ سان لاڳاپيل ٻارڙن جي تنظيم "لطيف ادبي سنگت" جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. پاڻ ان عهدي تي شهادت جي وقت تائين ڪم ڪندو رهيو. شهيد انور عباسي جڏهن ڪاليج ۾ داخلا ورتي تہ پاڻ باقاعدي سياست ۾ بهرو وٺڻ شروع ڪيو ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۾ ميمبر شپ حاصل ڪئي. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران جساف طرفان کيس شهيد هوشو شيدي هاسٽل جي يونٽ جو آرگنائيزر ۽ ضلعي ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. هو 17 آڪٽوبر تي بي ڪام آنرز سال ٽئين جو آخري پيپر ڏئي پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ بسن ۾ سوار ٿي لاڙڪاڻي ۾ شاهہ لطيف جي جشن ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيو هو تہ ٽوڙهي ڦاٽڪ جي ميدان تي فوجي ڪارروائي ۾ شهيد ٿي ويو. فوج طرفان سندس مڙهہ لاوارث قرار ڏئي، واپڊا ڪالوني ڄامشوري جي قبرستان ۾ دفن ڪرايو ويو. جڏهن

سندس والد کي پٽ جي شهادت ۽ لاوارث ڪري دفنائڻ جي خبر پئي ته پاڻ اهو چئي سندس لاش ڄامشوري جي سرزمين ۾ ئي رهڻ ڏنو ته ”سنڌ جو چپو چپو اسان جو آهي، ان ڪري مان پنهنجي پٽ جو مڙهه تدفين لاءِ ڳوٺ ڪڻائي نه ويندس.“ شهيد انور عباسي ڦوهه جواني ۾ شهادت جو جام پيتو. جيڪا جواني املهه ۽ بي مثال هوندي آهي.

شهيد ذڪريا ميمڻ

شهيد ذڪريا ميمڻ 7 فيبروري 1962ع تي مرحوم غلام



مصطفىٰ ميمڻ جي گهر ضلعي ٺٽي جي دڙي شهر ۾ جنم ورتو. پاڻ پرائمري تعليم دڙي مان حاصل ڪرڻ بعد 1977ع ۾ ميٽرڪ جي تعليم ميرپور بٺوري جي هاءِ اسڪول مان حاصل ڪري گورنمينٽ ڪاليج سجاول ۾ داخلا ورتي. جتان انٽر سائنس ڪرڻ بعد 1980ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ داخلا ورتي. اجا پاڻ انجنيئرنگ جي ٻئين سال ۾ پڙهندڙ هو ته ٽوڙهي ڦاٽڪ وٽ 22 سالن جي ڦوهه جواني ۾ فوج جي

ڪارروائي دوران شهيد ٿي ويو. ڪيس آلين اڪين سان اباڻي ڳوٺ دڙي ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

شهيد ذڪريا ميمڻ ننڍي هوندي کان ئي وڏي حساس طبيعت جو مالڪ ۽ سياست ۾ دلچسپي رکندڙ هو. اسڪولي دور کان وٺي ڪاليج واري عرصي تائين پاڻ سنڌ جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جي خاتمي لاءِ جدوجهد ۽ جستجو ڪندو رهيو. پاڻ عملي سياست ۾ تڏهن بهرو وٺڻ شروع ڪيائين، جڏهن انٽر ڪرڻ بعد ڄامشوري جي مهراڻ يونيورسٽي ۾ قدم رکيائين. شاگرد سياست ۾ سندس پهريون انتخاب شاگرد تنظيم جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن بڻي ۽ پاڻ ان جو باقاعدي ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. جڏهن 1981ع ۾ زبيده گرلز ڪاليج ۾ ان جي هاسٽل تي پنجابي شاگردن جي تنظيم نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (اين ايس ايس او) جي غنڊن حملي ڪري سنڌي شاگردياڻين کي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ ڦرلٽ ڪئي ته جساف ان عمل خلاف سخت احتجاج ۽ مزاحمت ڪئي. جساف طرفان اعلان ڪيو ويو ته اين ايس ايس او جي هٿياربند شاگردن کي سنڌ جي مڙني ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو. تنظيم جي ان فيصلي تحت ذڪريا ميمڻ پنهنجن ٻين تنظيمي ساٿين سان گڏجي مهراڻ يونورسٽي ۾ اين ايس ايس او جي شاگردن جي داخلا بند ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون. جنهن سبب مهراڻ يونيورسٽي جي انتظاميه طرفان ڪيس 26 نومبر 1981ع تي رسٽيڪيٽ ڪيو ويو ۽ پوليس سندس گرفتاري جا حڪم جاري ڪيا. بعد ۾ ڪيس 22 ڊسمبر 1981ع تي اشتهاري ڏوهاري قرار ڏنو ويو. سندس اشتهاري ڏوهاري هجڻ بابت اخبارن ۾ اشتهار شايع ڪرائي، هن ۽ سندس ساٿين

جي گرفتاري لاءِ خاص پوليس پارٽيون تشڪيل ڏنيون ويون. جڏهن ذڪريا ميمڻ جي تعليم جو سلسلو رڪجي ويو ته هن سجاول جي هڪ خانگي اسڪول ۾ ماستري جي نوڪري حاصل ڪري ورتي. نيٺ 3 جون 1982ع تي پوليس کيس گرفتار ڪري ورتو ۽ کيس حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ قيد رکيو ويو. جتان کيس 27 آڪٽوبر 1982ع تي ضمانت ملڻ بعد آزاد ڪيو ويو. جساف پنهنجي 35 ڪارڪنن جي يونيورسٽي مان رسٽيڪيشن آرڊر واپس ڪرائڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني ۽ تنظيم جي هڪ فيصلي تحت يونيورسٽي جي شاگردن رضاڪارانه طور پاڻ کي رسٽيڪيٽ ڪرائڻ لاءِ انتظاميه کي درخواستون ڏنيون. جنهن بعد يونيورسٽي انتظاميه شاگردن جي دٻاءَ ۾ اچي اهو فيصلو واپس ورتو. اهڙي طرح آگسٽ 1984ع ۾ شهيد ذڪريا ميمڻ سميت ٻين رسٽيڪيٽ ٿيل شاگردن جي داخلا بحال ڪئي وئي. شهيد ذڪريا ميمڻ شهادت جي ڏهاڙي تائين سنڌ جي حقن لاءِ جساف جي پليٽ فارم تان جدوجهد ۽ جستجو جاري رکي. آخرڪار ان ئي جدوجهد دوران پنهنجي جان سنڌ ڌرتي مٿان واري امر ٿي ويو.

شهيد امان الله وسطڙو

شهيد امان الله وسطڙو 1958ع ۾ ڳوٺ مڇر تعلقي نوشهرو فيروز ضلعي نواب شاهه ۾ حزب الله وسطڙو جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ



ابتدائي تعليم مورو مان حاصل ڪئي، جنهن بعد 1976ع ۾ ميٽرڪ تائين تعليم سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ حاصل ڪئي. پاڻ تعليم جو عمل مختلف شهرن ۾ مڪمل ڪيو. ان جو سبب سندس والد جو سرڪاري ملازم هجڻ هيو. ان ڪري والد جي مقرري واري جاءِ تي سندس تعليم جاري رهندي آئي. امان الله وسطڙو ميٽرڪ ڪرڻ بعد فرسٽ ايئر آرٽس ۾ داخلا ورتي ۽ 1978ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج رتوديرو مان انٽر آرٽس جو امتحان پاس ڪيو. ان بعد وري پاڻ انٽر سائنس ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيو پيرو شهدادڪوٽ ڪاليج ۾ داخل حاصل ڪري، اتان 1981ع ۾ انٽر سائنس ۾ پاس ڪئي. امان الله وسطڙو انٽر ڪرڻ بعد جيالاجي ۾ بي ايس سي آنرز ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا حاصل ڪئي. پاڻ اڃا ٻئي سال جو امتحان ئي ڏنو ته توڙهي ڦاٽڪ وٽ فوج جي ڪارروائي ۾ سنڌ تان قربان ٿي ويو.

شهيد امان الله وسطڙو سياسي زندگي جي شروعات 1981ع کان شهدادڪوٽ ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ڪئي. پاڻ انهن ئي ڏينهن ۾ قومپرست شاگرد تنظيم جساف ۾ شموليت اختيار ڪئي. هو 1983ع ۾ جساف سنڌ يونيورسٽي يونٽ جو نائب صدر چونڊيو ويو. بعد ۾ ساڳي يونٽ جو قائم مقام صدر مقرر ڪيو ويو. شهيد امان الله وسطڙو 17 آڪٽوبر 1984ع تي پنهنجن ٻين تنظيمي ساٿين سان گڏ لاڙڪاڻي ۾ فنڪشن ۾ وڃي رهيو هو ته جڏهن ٽوڙهي ڦاٽڪ وٽ فوج جي اهلڪارن بسن مٿان حملو ڪيو ته هو ڊرائيور جي پر واري سيٽ تي ويٺل هو. جڏهن فائرنگ شروع ٿي ته بس جي ڊرائيور ڊرائيونگ سيٽ ڇڏي ڏني ۽ بس هلائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان صورتحال ۾ هن ڊرائيونگ سيٽ سنڀالي پنهنجي شاگرد ساٿين کي فائرنگ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ بس کي روڊ کان ڪچي طرف لاٿو. پر گولين جي برسات دوران هو پنهنجي ساٿين کي بچائيندي وطن تان گھورجي ويو. سندس مڙهه اباڻي ڳوٺ مچر نوشهرو فيروز ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

شهيد منو بليدي

شهيد محمد منل بليدي 1953ع ۾ بخش علي بليدي جي گھر سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ڄامشورو ۾ جنم ورتو. سندس والدين اصل ته



جيڪب آباد جا رهواسي هيا، پر جڏهن سندس والد کي 1958ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ ملازمت ملي ته پاڻ يونيورسٽي ڪالوني ۾ مستقل رهائش اختيار ڪري ورتي. شهيد منو بليدي جي ننڍپڻ کان وٺي ڀرپور جواني تائين سنڌ يونيورسٽي جي اندر موجود قومپرست ماحول ۾ تربيت ٿي. جنهن سبب پاڻ بين نوجوانن کان مختلف خيال رکندڙ هو. سندس ذهن ۾ سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ جذبو موجود هو. جنهن ڪري پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ قومپرست شاگردن جي جلسن ۽ جلوسن ۾ شرڪت ڪندو رهندو هو. شهيد منو بليدي کي سنڌ يونيورسٽي ۾ 1980ع ۾ چوڪيدار جي ملازمت ڏني وئي. ان بعد

پاڻ قومپرستي شاگردن جي وڏيڪ ويجهو ۽ سندن سات ۾ سنگت اختيار ڪئي. ان ماحول ڪيس قومپرستي جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ يونيورسٽي جي هاسٽلن جي ٻين ملازمن ڪان وڏيڪ شاگردن وٽ عزت ۽ احترام لائق بڻجي ويو. پاڻ 17 آڪٽوبر 1984ع تي جساف جي شاگردن سان گڏ بسن ۾ سوار ٿي لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ هڪ فنڪشن ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيو هو ته فوجي ڪارروائي دوران شهيد ٿي ويو. ڪيس ڄامشورو جي قبرستان ۾ مٽي ماءَ حوالي ڪيو ويو.

ٺوڙهي ٽربيونل جا سپوت

17 آڪٽوبر 1984ع تي ٺوڙهي ڦاٽڪ وٽ فوجي ڪارروائي

دوران گرفتار ٿيل شاگردن تي ٺوڙهي ٽربيونل سميت ايس ڊي ايم ڪوٽڙي، سيشن ڪورٽ ڪوٽڙي ۽ اي ڊي ايم ڪوٽڙي جي عدالت سميت مختلف عدالتن ۾ ڪيس هلايا ويا. جن شاگردن تي ڪيس داخل ڪيا ويا، انهن ۾ جساف جا اڳواڻ گل محمد جکراڻي، ستار موريو، دودو مهيري، اقبال تنيو، نذير تنيو، سليمان جتوئي، عمر الدين زرداري، سڪندر ميراڻي، ڪنپو مل، رضا محمد چانڊيو، قادر جروار، صيفل جکراڻي، سرور

خشڪ ۽ عزيز سومرو شامل هئا. توڙهي ڦاٽڪ تان گرفتار ٿيل شاگردن جو هڪ سياسي پسمنظر هو. جن کي فوجي حڪومت طرفان ڌاڙيل، ڦورو ۽ اشتهاري ڌوهاري قرار ڏئي، سندن ڪردار ڪشي ڪئي وئي. هيٺ گرفتار ٿيل ڪجهه اهم شاگرد اڳواڻن جي جدوجهد تي روشني وڌي وئي آهي.

گل محمد جکراڻي

گل محمد جکراڻي جو جنم 20 ڊسمبر 1960ع تي محمد عارف جکراڻي جي گهر تعلقي ڪشمور ضلعي جيڪب آباد ۾ ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ محمد عارف جکراڻي ۾ حاصل ڪئي. بعد ۾ سيڪنڊري تعليم ڪشمور مان حاصل ڪرڻ بعد پاڻ 1975ع ۾ ڊگري ڪاليج سکر ۾ داخلا ورتي. جنهن بعد گريجوئيشن اسلاميه آرٽس ڪاليج سکر ۾ حاصل ڪري 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي. گل محمد جکراڻي هاءِ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران ئي شاگرد سياست ۾ ڀرپور وٺڻ شروع ڪيو. هن هاءِ اسڪول ۾ ئي تعليم پرائڻ دوران قومپرست شاگرد تنظيم جساف ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ جلد ئي پنهنجي اسڪول ۾ جساف جو آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو. جڏهن پاڻ ڪاليج ۾ داخلا ورتي ته کيس جساف طرفان پهريان سکر ضلعي جو آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ صدر مقرر ڪيو ويو. پاڻ ان عهدي تي لاڳيتو 3 سال ڪم ڪندو رهيو. ان ئي عرصي دوران جڏهن نواب شاهه ۾ شاگردياڻي شيرين سومرو سان هڪ فوجي عملدار طرفان زيادتي جو واقعو پيش آيو ته هن ان بربريت خلاف

سکر شهر ۾ ڀرپور احتجاج ڪرايو. گل محمد جکراڻي کي 19 اپريل 1979ع ۾ سن ۾ جساف جي چونڊبن دوران مرڪزي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي چونڊيو ويو. پاڻ جڏهن سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي ته 1980ع ۾ ڪيس تنظيم جو چيف آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ جساف جي 1981ع ۾ ٿيل چونڊبن دوران پاڻ تنظيم جو مرڪزي صدر چونڊجي ويو.

جڏهن شاگردياڻي شيرين سومرو سان فوجي اهلڪارن طرفان ٿيل بربريت خلاف احتجاج ڪرڻ جي الزام هيٺ جساف جي ٻن ڪارڪنن علي حيدر شاهه ۽ قادر بخش جتوئي کي فوجي عدالت طرفان ڦاسي جي سزا ٻڌائي وئي ته ان خلاف سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو. جساف طرفان به گل محمد جکراڻي جي قيادت ۾ فوجي عدالت جي ان فيصلي خلاف سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا.

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ جڏهن فوجي حڪومت جي آشيرواد سان سندن جوڙايل تنظيم اين ايس ايس او طرفان سنڌي شاگردن ۽ شاگرديائين سان غنڊاگردي جا واقعا وڌڻ لڳا ته گل محمد جکراڻي جساف جي مرڪزي اڳواڻ جي حيثيت ۾ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ اين ايس ايس او جي غنڊن کي روڪڻ لاءِ اثرائتا اپاءُ ورتا ۽ سندن تعليمي ادارن ۾ داخلا کي روڪيو ويو. جڏهن فوجي حڪمرانن سندن پاڙيتو تنظيم جي رستا روڪ ٿيندي ڏٺي ته فوج سنڌ يونيورسٽي ۾ داخل ٿي اتي پنهنجون ڪئمپون قائم ڪري ورتيون. فوجي حڪومت طرفان سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبرري ۾ ملٽري ڪورٽ قائم ڪئي وئي. ان ملٽري ڪورٽ سنڌي شاگردن کي هيسائڻ لاءِ مٿن ڪيس هلائي سزائون ٻڌائڻ شروع

ڪيون. جساف جي مرڪزي اڳواڻ جي حيثيت ۾ گل محمد جکراڻي فوجي حڪومت جي ان عمل خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪلاسن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن سبب شاگرد مسلسل 5 مهينا يونيورسٽي جي تدريسي عمل جو بائيڪاٽ ڪري گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا. نيٺ حڪومت مجبور ٿي سنڌ يونيورسٽي ۾ قائم ٿيل ملٽري ڪورٽ کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

فوجي حڪمرانن طرفان گل محمد جکراڻي ۽ سندس 20 تنظيمي ساٿين کي فوجي ڏاڍ خلاف مسلسل جدوجهد ڪرڻ جي الزام هيٺ يونيورسٽي مان 3 سالن لاءِ رسٽيڪيٽ ڪيو ويو. کين 22 ڊسمبر 1981ع تي اشتهاري ڏوهاري قرار ڏئي، سندن گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا ويا. 21 جنوري 1982ع تي سن ۾ گل محمد جکراڻي جساف جي چونڊن دوران ٻيهر بنا مقابلي صدر چونڊجي ويو. جنهن بعد فوجي حڪومت طرفان ڪيس حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. جتان ڪيس 18 آگسٽ 1983ع تي آزادي نصيب ٿي. جيل مان آزادي ملڻ بعد جساف طرفان ڪيس تنظيم جو عبوري صدر مقرر ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ پاڻ جنوري 1984ع تي جساف جي چونڊن دوران چوٿون ڀيرو مرڪزي صدر چونڊيو ويو. پاڻ ان عهدي تي توڙهي ڦاٽڪ سانحي ۾ گرفتار ٿيڻ تائين ڪم ڪندو رهيو.

دودو مهيري

دودي مهيري ولد محمد صالح مهيري جو جنم 5 آڪٽوبر 1956ع تي ڳوٺ بجاري شريف تعلقي گولاڙچي ضلعي بدين ۾ ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. مڊل جي تعليم ڪورواهه ۾ حاصل ڪرڻ بعد ميٽرڪ سعيدپور ٽيڪا مان حاصل ڪئي. جنهن بعد انٽرميڊيٽ جي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽري جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري ۾ داخلا ورتي. پاڻ ايم بي بي ايس جي آخري سال ۾ هيو ته ٺوڙهي ڦاٽڪ تي فوجي ڪارروائي دوران ڪيس گرفتار ڪيو ويو.

دودو مهيري انٽرميڊيٽ ۾ پڙهڻ دوران شاگرد سياست ۾ سرگرم ٿيو. ڪاليج واري دور ۾ پاڻ جساف جو باقاعدي ميمبر ٿيو. هن جڏهن ايل ايم سي ڄامشورو ۾ ايم بي بي ايس ۾ داخلا ورتي ته شاگرد سياست ۾ گهڻو سرگرم ٿي ويو. ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ئي پاڻ سنڌ ۾ ٿيندڙ هر ظلم ۽ زيادتي خلاف جدوجهد ۾ سرگرم رهيو. جنهن ڪري ڪيس 1979ع ۾ پهريون ڀيرو 3 مهينن لاءِ گرفتار ڪيو ويو. ان بعد جڏهن پنجابي شاگردن جي تنظيم اين ايس ايس او طرفان تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگردن سان زيادتيون ۽ غنڊا گردي ڪئي وئي ته پاڻ ايل ايم سي ۾ ان خلاف موثر آواز بلند ڪيو. جنهن ڪري ڪيس ايل ايم سي مان 3 سالن لاءِ رسٽيڪيٽ ڪيو ويو. ان دوران 1981ع ۾ ڪيس گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيو ويو. جتي فوجي عدالت طرفان ڪيس 30 ڪوڙا هڻڻ جي سزا ٻڌائي وئي. جنهن تي عمل به ڪيو ويو. پاڻ جڏهن 1986ع ۾ جيل

مان آزاد ٿي ٻاهر نڪتو ته ايل ايم سي انتظاميه طرفان سندس رسٽيڪيشن آرڊر واپس وٺندي داخلا بحال ڪئي وئي. پاڻ ايل ايم سي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران جساف جو 2 ڀيرا سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو. 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٽوڙهي ڦاٽڪ تي فوجي ڪارروائي دوران گرفتار ٿيڻ وقت پاڻ جساف ايل ايم سي يونٽ جو آرگنائيزر هو.

نظير ٽنيو

نظير احمد ولد يار محمد ٽنيو 10 مارچ 1959ع تي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم قمبر مان حاصل ڪرڻ بعد ميٽرڪ ميرو خان هاءِ اسڪول مان ڪئي. جنهن بعد 1976ع ۾ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتي. جڏهن پاڻ ان ئي ڪاليج ۾ گريجوئيشن جي تعليم حاصل ڪري رهيو هو ته کيس سياست ۾ ڀرو وٺڻ تي ڪاليج مان نيڪالي ڏني وئي. جنهن بعد هن تعليم جو سلسلو ٻيهر جاري رکندي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ داخلا ورتي. جتي اجا بي اي آنرز جي چوٿين سيمسٽر جو امتحان ڏئي رهيو هو ته ٽوڙهي ڦاٽڪ وٽ فوجي ڪارروائي دوران پنهنجن ٻين ساٿين سميت گرفتار ڪيو ويو. نظير ٽنيو پنهنجي سياسي زندگي جو آغاز اسڪول ۾ تعليم پرائڻ دوران شاگرد تنظيم ”سنڌ آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن“ جو ميمبر ٿيڻ سان ڪيو. تنظيم طرفان کيس تعلقي ميرو خان جو آفيس سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. جڏهن ان تنظيم کي سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن (سپاف) ۾ ضم ڪيو ويو ته پاڻ ان کان ڌار ٿي جولاءِ 1979ع ۾ جساف ۾ شموليت

اختيار ڪئي. ڪيس شروعات ۾ جساف قمبر جو يونٽ آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو. جڏهن نواب شاهه ۾ هڪ فوجي عملدار طرفان سنڌي شاگردياڻي شيرين سومرو سان زيادتي وارو واقعو پيش آيو ته نظير تنيو جساف جي سڏ تي 2 آڪٽوبر 1979ع تي ان واقعي خلاف ” يوم غيرت“ جي نالي تي قمبر ۾ سخت احتجاج ڪرايو. جنهن ڪري فوجي حڪومت طرفان سندس گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا ويا. پوليس نظير تنيو کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪامي تي سندس والد کي گرفتار ڪري ڪجهه ڏينهن قيد ڪري ڇڏيو. بعد ۾ ڪيس 1981ع ۾ گرفتار ڪري ڪجهه ڏينهن بعد ئي آزاد ڪيو ويو.

نظير تنيو کي 26 سيپٽمبر 1980ع تي جساف ضلعي لاڙڪاڻي جو نائب صدر چونڊيو ويو. پاڻ ان عهدي تي مئي 1982ع تائين ڪم ڪندو رهيو. نظير تنيو جڏهن بي اي آنرس ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي ته ڪيس جساف سنڌ يونيورسٽي جو نائب صدر چونڊيو ويو. بعد ۾ مارچ 1983ع ۾ سنڌ يونيورسٽي يونٽ جو جنرل سيڪريٽري چونڊجي آيو. پاڻ ان عهدي تي 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٺوڙهي ڦاٽڪ وٽان گرفتار ٿيڻ تائين ڪم ڪندو رهيو. جڏهن آڪٽوبر 1983ع ۾ جساف طرفان ڳوٺن ۾ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ نظرياتي مهم هلائي وئي ته هن پاڻ به ان ۾ وڏي چڙهي حصو ورتو. جنهن تي حڪومت طرفان مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو. ان ڪيس ۾ پوليس ڪيس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪامي تي سندس 2 ڀائرن کي گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو. جنهن بعد ڪيس 18 آڪٽوبر 1983ع تي گرفتار ڪيو ويو. پر ان ڪيس مان ڪيس جلد آزادي ملي. جڏهن سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ فوجي

حڪومت جي پاڙيتو تنظيم اين ايس او خلاف آواز بلند ڪيو ويو تہ حڪومت 20 ہين شاگردن سان گڏ نظير تنيو کي بہ سنڌ يونيورسٽي مان 3 سالن لاءِ رسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيو. جڏهن جساف طرفان شاگردن جي داخلا بحال ڪرائڻ لاءِ رضاڪارانہ طور شاگردن پاڻ کي رسٽيڪيٽ ڪرائڻ لاءِ درخواستون ڏيڻ شروع ڪيون تہ حڪومت مجبور ٿي هن سميت مڙني شاگردن جا رسٽيڪيشن آرڊر واپس وٺي سندن داخلا بحال ڪري ڇڏي.

محمد سيلمان جتوئي

محمد سليمان جتوئي ولد قصار خان جتوئي جو جنم پهرين جنوري 1959ع تي ڳوٺ نئين آباد تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ بعد سيڪنڊري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڏوڪري جي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي. هن ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1978ع ۾ انٽرميڊيٽ جي تعليم حاصل ڪرڻ بعد مهراڻ يونيورسٽي ۾ اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي. پاڻ اجا انجنيئرنگ جي ٻئين سال ۾ هو تہ 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٽوڙهي ڦاٽڪ وٽ فوجي ڪارروائي دوران گرفتار ڪيو ويو.

محمد سيلمان جتوئي ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران جساف جو ميمبر ٿيو. جڏهن نواب شاهہ ۾ 1978ع ۾ سنڌي شاگردياڻي شيرين سومرو سان هڪ فوجي ميجر طرفان زيادتي جو ڪيس سامهون آيو تہ پاڻ ان خلاف جدوجهد ۾ اڳڀرو رهيو. جڏهن هن مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ داخلا ورتي تہ ڪيس جساف مهراڻ يونيورسٽي جو صدر چونڊيو ويو. ان عرصي

دوران نومبر 1981ع ۾ فوجي پنيرائي هيٺ سنڌي شاگردن خلاف ڪارروايون ڪندڙ تنظيم اين ايس ايس او جي خلاف سنڌي شاگردن جدوجهد شروع ڪئي تہ هن مهراڻ يونيورسٽي ۾ جساف جي اپيل تي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ان ڪري ڪيس 26 نومبر 1981ع تي ٽن سالن لاءِ ريسٽيڪيٽ ڪري اشتهاري ڏوهاري قرار ڏنو ويو. هو پنهنجي ٻين ساٿين سميت 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٺوڙهي ڦاٽڪ تان گرفتار ڪيو ويو. ان ڪيس مان ڪيس ٽن مهينن بعد آزاد ڪيو ويو، پر جڏهن فوجي حڪومت طرفان ان واقعي جي جاچ لاءِ اسپيشل ٽربيونل جوڙيو ويو تہ ڪيس ٻيهر 18 آڪٽوبر 1986ع تي شهيد عبدالمالڪ خشڪ جي ورسي تان واپس ايندي گرفتار ڪيو ويو.

ماءُ جو قيدي پٽن ڏانھن خط

منجھا پيارا پٽڙا، شل سنڌ جي سينڌ کي سنواريندا رھو.

اڄ صبح مون کي خبر پئي آھي تہ اوھان ٻئي ٽوڙھي ڦاٽڪ جي ميدان تان فوج ھٿان گرفتار ڪيا ويا آھيو. ان فوجي ڪارروائي ۾ اوھان جا پنج بھادر ساٿي شھيد ٿي ويا آھن. ھاڻي اوھان سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيد جا ڏينھن ڪاٽي رھيا آھيو. ان خبر منھنجي دل ۽ دماغ تي ڪھڙو اثر ڇڏيو ھوندو. سا ھڪ ماءُ ئي محسوس ڪري سگھي ٿي. پر پوءِ بہ اوھان ھڪ ڳالھہ ياد رکجو تہ منھنجي دل شھيدن جي ڏک ۾ ڳوڙھا ضرور ڳاڙيا آھن، پر ان شڪست نہ کاڌي آھي. ذھن ھار مڃڻ لاءِ تيار ناھي. عام حالتن ۾ اھڙو واقعو ڏک پھچائي ھا، پر جيئن تہ جنھن راھہ تي اوھان ھلي رھيا آھيو، ان واٽ ۾ اھي تڪليفون ضرور ايندیون. ان ڪري اھڙن حادثن لاءِ اڳواٽ ذھن کي تيار ڪرڻ گھرجي. اوھان يقين ڄاڻو تہ جڏھن اوھان پنھنجي ديس جي آزادي جي جنگ ۾ شريڪ ٿيا، ان ڏينھن کان وٺي، اوھان تي منھنجو حق گھٽ پر ان ڌرتي جو حق وڌي ويو آھي. جنھن جا اوھان مون کان وڌيڪ تاتيل ۽ نپايل آھيو. جڏھن ان راھہ تي اوھان پنھنجو پاڻ واري ڇڏيندا تہ اھا ئي جيجل ڌرتي ماءُ اوھان کي پنھنجي آغوش ۾ پناھہ ڏيندي. ان ڪري اوھان جو جيل ۾ وڃڻ منھنجي لاءِ فخر جو باعث آھي ۽ مان اوھان جھڙن اڙٻنگ پٽن تي فخر محسوس ڪريان ٿي. جيڪڏھن اوھان ان واٽ ۾ وارجي وڃو ھا تہ بہ مان ڏک ڪرڻ

بدران اهو چوان ها تہ اجا تہ ڌرتي جيجل جي ٿڃ جا ٿورا لاهڻ لاءِ وڏي قرباني جي ضرورت آهي.

توهان ٿي مون کي ٻڌايو هو تہ جڏهن فلسطين جي هڪ آبادي کي اسرائيل رک بڻائي ڇڏيو هو تہ اتي فلسطين جي قومي اڳواڻ ياسر عرفات ڊٺل گهرن جي ڍير مٿان ٻن نوجوانن جي لاشن پرسان بيهي اخباري نمائندن سان انتهائي جوش ۽ جذبي سان ڳالهائي رهيو هو تہ ان وقت ڊٺل گهرن مان هڪ پوڙهي عورت نڪري آئي هئي ۽ ياسر عرفات کي چيو هو تہ ”اهي منهنجا 2 پٽ تہ فلسطين تان قربان ٿي چڪا آهن، پر افسوس آهي تہ ٻيو ڪوبہ فرزند ڪونہ بچيو آهي، جو آئون ان کي بہ پيتا طور فلسطين جي قدمن ۾ رکان. سو هاڻي منهنجو سر حاضر آهي.“ اڄ تائين مان ان فلسطيني ماءُ جا اهي لفظ ڪونہ وساريا آهن ۽ وقت تي انهن تي عمل بہ ڪري ڏيکاريندس.

منهنجا پٽڙوا عام حالتن ۾ جيڪڏهن ايئن ٿئي ها تہ مان عورت ٿي ڪري ضرور ڳوڙها ڳاڙيا ها، پر جيئن تہ ڳوڙها ڳاڙڻ پڇتاءَ ۽ بزدلي جي نشاني آهي، ان ڪري مون ڳوڙها ڪونہ ڳاڙيا آهن. جنهن وقت بہ منهنجي دل پرجي آئي آهي تہ ان وقت شعر جي هي ٻول منهنجي ذهن تي تري آيا آهن تہ:

پنهنجي دشمن جي هٿان، مان جي ماريو وڃان،
پنهنجي ساٿين جيان،
تون نہ روئجان اما، تون نہ روئجان.

ايئن پئي سمجهيم تہ ڄڻ ٿوڙهي ڦاٽڪ جا سڀ شهيد مون سميت پنهنجي مائرن کي اها نصيحت ڪري رهيا آهن ۽ اسان سنڌ جون

ڏجاڻيون انهن ٻولن تي عمل ڪري رهيون آهيون. پٽڙا! اوهان هن آزمائش جي گهڙي مان لنگهي رهيا آهيو. منهنجي اوهان ڪي دعا آهي تہ شل پنهنجي ارادن تي اٽل رهو. مستقل مزاج رهو. ۽ اتي بہ دشمن ڪي هار مڃائي ڪيس ذهني انتشار ۾ مبتلا ڪريو. مان چاهيان ٿي تہ اوهان خود اعتمادي سان انهن ڏکين ڏينهن مان لنگهي پار پئو. ڪنهن بہ صورت ۾ دشمن جي آڏو جهڪڻ جي ڪوشش نہ ڪجو. ان جي آڏو پنهنجي ڪمزوري ظاهر نہ ڪجو. جيڪڏهن تڪليف ڪان ڊڄي اوهان پنهنجي ڌرتي ماءُ سان غداري ڪئي تہ مان اوهان ڪي پنهنجو پٽ چوندي شرم محسوس ڪنديس. پر جي ان واٽ ۾ گهورجي ويا تہ مان وڏي فخر سان دعوىٰ ڪنديس تہ سنڌ جا فرزند ڪسي تہ سگهن ٿا پر جهڪي نہ ٿا سگهن. اوهان سڀني جي خير لاءِ دعاگو آهيان.

اوهان جي امڙ

19 آڪٽوبر 1984ع

شهيد ۽ گرفتار ٿيل شاگرد

شهيد شاگرد

1. امان الله ولد حزب الله وسطڙو، ڳوٺ مڇر، تعلقو نوشهرو فيروز، ضلعو نواب شاهه، شاگرد سنڌ يونيورسٽي
2. عبدالمالڪ ولد محمد عيسىٰ خشڪ، ڳوٺ درويش، تعلقو گهوڙا باري، ضلعو ٺٽو، شاگرد مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو
3. ذڪريا ميمڻ ولد غلام مصطفىٰ ميمڻ، ڳوٺ دڙو، تعلقو ميرپور بٺورو، ضلعو ٺٽو، شاگرد مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو
4. محمد انور ولد علي محمد عباسي، ڳوٺ پڪو، تعلقو قمبر، ضلعو لاڙڪاڻو، شاگرد سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
5. محمد مٺل بليدي ولد بخش علي بليدي، سنڌ يونيورسٽي ڪالوني، ڄامشورو، چوڪيدار
6. غلام رسول ڪوسو، وينٺل راڌڻ ضلعو دادو، مال چارينڌڙ ڌنار

گرفتار شاگرد سنڌ يونيورسٽي

7. گل محمد جکراڻي ولد محمد عارف جکراڻي، وينٺل ٺل، ضلعو جيڪب آباد
8. ستار موريو ولد عبدالفتاح موريو، لاڙڪاڻو

9. اقبال تنيو ولد مراد علي تنيو، قمبر
10. نذير تنيو ولد يار محمد تنيو، قمبر
11. رضا محمد چانڊيو ولد عرض محمد چانڊيو، ٽنڊو آدم
12. نذير احمد منگي ولد امام بخش منگي، ڪنڊيارو
13. صفدر ولد ولي محمد مگسي، لاڙڪاڻو
14. لطف الله ولد احمد علي پٽي لاڙڪاڻو
15. ايوب ولد الله ڏنو واڍو، قمبر
16. اعجاز ولد عبدالمجيد لاکو، قمبر
17. منظور حسين ولد لونگ راهوجو، شهدادڪوٽ
18. محمد موسىٰ ولد عبدالطيف آريجو، لاڙڪاڻو
19. امداد حسين ولد عطا محمد سومرو، شهدادڪوٽ
20. انعام علي ولد الاهي بخش ڪيهر، لاڙڪاڻو
21. عاشق علي ولد روشن علي گوپانگ، لاڙڪاڻو
22. عبدالحڪيم ولد عبدالخالق ميراڻي، لاڙڪاڻو
23. ثنا الله ولد امان الله ابڙو، لاڙڪاڻو
24. مير احمد ولد رئيس احمد جکراڻي، ڪشمور
25. وشنو مل ولد راهمون مل، ٽاڻو بولا خان، دادو
26. رسول بخش ولد شمس الدين ڏيرو، خيرپورناٿن شاهه
27. غلام قادر ولد نظر محمد ڏاهري، قاضي احمد، نواب شاهه
28. عبدالله ولد فيروز سينار، شڪارپور
29. حاڪم علي ولد عبدالستار شيخ، گڙهي ياسين
30. الهه بخش ولد محمد صالح نوناري، ٽنڊو محمد خان

31. محمد رمضان ولد محمود ڀٽي، حيدرآباد
32. محمد ابراهيم ولد علي محمد ڪاتيار، ٽنڊو محمد خان

گرفتار شاگرد مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو

33. محمد سليمان جتوئي ولد قصارو خان جتوئي، ڏوڪري
34. عبدالقادر ولد عبدالجبار جروار، ماتلي
35. عزيز احمد ولد محمد رحيم سومرو، ٺٽو
36. ظفر الله ولد عبدالرحمان جوکيو، خيرپورناٿن شاهه
37. اشوڪ ڪمار ولد ماڻڪ، باڊهه
38. اشرف علي ولد اميد علي پناڻ، قمبر
39. اعجاز ولد ڏتي بخش جوڻيجو، بدين
40. محمد صديق ولد محمد طالب ڪنڀار، بدين
41. سعيد احمد ولد مولا بخش ميمڻ، ڳڙهي ياسين
42. عبدالله ولد پير بخش پلهه، نوشهروفيروز

گرفتار ٿيل شاگرد لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو

43. دودو مهيري ولد صالح محمد مهيري، گولاڙچي، بدين
44. غلام سرور ولد غلام قادر خشڪ، ٺٽو
45. ڪنڀو مل ولد لوڻو مل، امر ڪوٽ، ٿرپارڪر
46. احمد خان ولد محمد صالح نوناري، ٽنڊو محمد خان

47. هدايت الله ولد عبدلڪريم ڪيريو، سڪرنڊ
48. خالد نواز ولد نواز علي قريشي، مورو
49. علي اڪبر ولد نور محمد پيرزادو، نوشهرو فيروز
50. غلام شبير ولد نبي بخش ملڪ، نوشهرو فيروز
51. امان الله ولد يعقوب پنهور، نوشهرو فيروز
52. منو ولد پرسو مل، ٽنڊو باگو، بدين
53. اسماعيل ولد ڪمال الدين ميمڻ، تلهار
54. ڪرشن لال ولد پرسو مل، ٽنڊو باگو، بدين
55. سڪندر علي ولد پريل شيخ، ٺٽو
56. لڇمڻ داس ولد چيلارام لوهاڻو، ٺٽو
57. عالم چند ولد ڏيمت راج لوهاڻو، ٽاڻو بولا خان
58. گوپال داس ولد پمون مل، ٽاڻو بولا خان
59. نياز محمد ولد عبدالرحيم سميجو، ٿرپارڪر
60. گلاب سنگهه ولد وجي سنگ ٺڪر، ڏيپلو
61. سروپ ولد منگهو بجير، امرڪوٽ
62. سروپ ولد اوتي بجير، امر ڪوٽ
63. موهن لال ولد ڀڳوان داس ڪتري، ڪپرو، سانگهڙ
64. ڪمال الدين ولد عبدالواحد راهمون، ڇاڇرو

ٻين تعليمي ادارن جا گرفتار ٿيل شاگرد

65. سڪندر ميراڻي

66. عزيز الرحمان ولد حبيب الله تنيو
67. ظفر الله ولد عبدالغفور
68. امداد علي ولد امام بخش منگي
69. عبدالستار ولد علي بخش منگي
70. مختيار حسين ولد علي اكبر عباسي
71. عبدالكريم ولد عابد علي جروار
72. محمد عثمان
73. اختر حسين
74. محمد علي
75. محمد صيفل
76. مجاهد حسين

ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن کي پيٽا ڏيڻ لاءِ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جو نظم

ڪنهن جو خُون وَهيو ٽوڙيءَ ۾
او ڊايرَ؟
توکي ڪيئي سال مُئي ٿيا
رُوم رُمَ مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا
سي بہ مٽيءَ سان مِٽي ٿي ويا-
ڪالھ مگر تو ٽوڙيءَ ۾
لڳ پڳ ساڳيءَورديءَ ۾
ساڳي هولي ڪيڏي!
توکي عمر ملي ڇو ايڏي
او ڊايرَ!
مُون تہ ٻُڌو هو
"ظلم سدائين قائم آهي،
ظالم قائم دائم ناهي"
ها، پر ظالم!
عمر درازيءَ ۾ تون سڀ کي
مات ڏيئي ويو آهين!